# Kunwari Dharti كنواري ڌرتي

## Leonid Brezhnev



**Translated by Sundri Uttamchandani**

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ڪنواري ڌرتي


ليکڪ

**ليونڊ بريزنيف**

ترجمان

**سندري اتمچنداڻي**



قيمت رواجي جلد ٥ رپيا

ڪپڙي جو جلد ڏھ رپيا

١٩٧٩

نئين دنيا پبلشرس

مهيم، بمبئي - ١٦



www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# سندريءَ جا ڇپيل ڪتاب


١- ملايا زمليا (مسٽر ليونڊ برزنيف جون يادگيرون)

٢- نئون جنم ( " " " " " )

٣- ڀارت ۽ روس - ٻه ٻانهن ٻيلي (مضمون)

٤- شولوخوف جي جهلڪ

٥- امن سڏي پيو (١٠٠ سوويت ڪارٽون)

٦- ٽٽل ساز (مئڪسم گورڪي جو ناول)

٧- ڪرندڙ ديوارون (سنڌي ناول)

٨- پرهه ڦٽي، رات ٽرالي (سنڌي ناول)

٩- لوچنين جي لاش (سنڌي ڪهاڻيون)

١٠- آڇا وار، ڳاڙها گل ( " " )



اڄ ئي نئين دنيا پبلشرس کان گهرائي پڙهو

# مهاڳ

هيءُ مسٽر ليونڊ برزنيف جي يادگيرين جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي ملڪ جي ڪنواري ڌرتيءَ جي آبادي ۽ اُن جي پنهنجو اکيون ڏٺو احوال ڏنو آهي. هن ڪزڪستان ۾ خود اهڙين زمين کي آباد ڪرائڻ جي رٿا جو رهبر ٿي وڃي ڪم ڪيو. انهيءَ رٿا نه رڳو جهنگل ۾ منگل ڪري ڪزڪستان جي ڪايا پلٽي ڏيکاري، پر اناج جا ايڏا فصل اُپايا تيا جو ڪزڪستان سوويت يونين جي لاءِ اَن جو پيدوار تي پيو آهي.

اسان جي مهان متر ملڪ رشيا جي راشٽرپتي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري مسٽر برزنيف جي يادگيرين جو هي ٽيون ڪتاب آهي جو مون ترجمو ڪيو آهي. هن کان اڳ مون سنڌس ۾ ڪتاب "ملايا زمسليا" ۽ "نئون جنم" ترجمو ڪيا آهن. هي پهري هي "ورجن لئنڊس" بابت سنڌس يادگيرن، ڪتابي صورت ۾ رشيا کان ٻاهر پهرين سنڌيءَ ۾ ڇپيون آهن، اها اسانجي جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهي.

هيءُ ڪتاب پڙهندي محسوس ڪجي ٿو ته سوويت جنتا پنهنجي ديس کي هريو ڀريو ڪرڻ لاءِ سوڪ طوفان،

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سرديءَ ۽ گرمي جو ڏاڍيءَ جانبازيءَ سان مقابلو ڪيو آهي، اُن جنسي قدرت سان جنگ جوٽي آهي.

برزنيف ڏيکاريو آهي ته اُنهيءَ ڪنواريءَ ڌرتيءَ لي نه فقط پوک ڪرڻي هئي پر اُتان جي آباديءَ لاءِ رستا، پلون، ريلون، گهر، باغ، اسڪول، اسپتالون، عام زندگيءَ جا سڀ سهنج ميسر ڪرڻا هئا.

سٽيپيز ميدانن لي جوان جيڪي سڀ کي ڦيرائي سرسبز ڪندا اُن جي سک لاءِ ڪهڙا ڪهڙا عملي قدم کنيا اٿس اُنهن جو احوال پڙهي هيءَ ماڻهو، ڪارساز ٿيو لڳي جيڪو زمين ۾ سچا پوکي سگهندو آهي.

مسٽر برزنيف غير آباد زمين لي پوکون ڪرائڻ مهل ماڻهن جون تڪليفون ۽ اُنهن تڪليفن کي پار ڪرڻ جون خوشيون ڏنيون آهن، اُنهيءَ جو اهڙو دلچسپ ۽ دلڪش نمونو وٺي ورنن ڪيو اٿس، جو سندس لکڻيءَ ۾ ساهتڪ رنگ اچي ويو آهي.

اميد آهي ته هيءَ ڪتاب به سنڌي پاٺڪن کي اڳين ٻن ڪتابن وانگر پسند پوندو ۽ ڀارت - روس دوستيءَ جي ڀاونا وڌائيندو.

**سندري اُتمچنداڻي**

بمبئي، ٢٨ فيبروري ١٩٧٩

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

عام چوڻي آهي تہ ڪڻڪ لاءِ اناج هجي تہ گهٽ
ٻاٽمرادو پيا گوڙجندا. هن چوڻيءَ جو مدار حقيقت تي
ٻڌل آهي ڇو تہ جيڪي بہ زندگيءَ جا قدر يا ملهائتا
نقطا آهن، تنهجو بنياد آهي ان - ويندي اڄ جي زماني
۾ بہ ڏسو تہ ٽيڪسالاجيءَ، ٻا وگيان جي تمام گهڻي
ترقيءَ هوندي بہ قومون ادم وري بہ اناج جي اپت
لاءِ پيڙهون ڪن، ماڻهو ٻولار ۾ ياترائون ڪرڻ لڳا آهن،
ندين جا رخ بدلائي ڇڏيا اٿن، سمنڊ ۾ اپسمنڊ اٿلائي
ڦٽا ڪيا اٿن، ڌرتيءَ جي پيٽ مان تيل ۽ گئس ڇڪي
ڪڍي اٿن، ائٽم جي اندر شڪتيءَ جو ڪرشمو ڳولي
لڌو اٿن، پر اناج جو داڻو اهو ئي اناج جو داڻو آهي.

پر جنهن ملڪ جي، قومي نشان ۾ اناج جو سنگ
ڏيکاريل هجي، تنهنجي ماڻهن جو ٻوڪ سان ضرور جذبي
وارو ۽ خالص لڳاءُ هوندو. مان ننڍي هوندي کان ئي
اهو جذبو محسوس ڪندو رهيو آهيان.

منهنجو پيءُ مزدور هو ڏاڍو هاري هو. مون وري
فئڪٽريءَ چاهي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪيو آهي. پر ملڪ ۾
اٿل پٿل وقت جڏهن فئڪٽريءَ ۾ ڪم بند هوندو هو
تہ وڃي هر هلائڻ ۽ پوکہ لڻڻ کي لڳندو هوس. همت

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سان پوکيل سلو اناج ۾ بدليو ڏسڻ چاهيندو آهي اهو سڪ مون چالو آهي.

بيلوروشيا جي ڪرسڪ ۾ ۽ يورل ماٿريءَ جي ڳوٺن ۾ مون هاري ٽي ڪم ڪيو آهي. بعد ۾ ڏالوءِ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وقت به پوک جي اهميت کي نه ڀلايم. ٻين ڪميونسٽن سان گڏجي ڳوٺن ۾ ڪڙمين کي سمجهائي سرڪاري کيتن لي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ اُتساهت هت ڪندو هوس.

اهو عرصو فقط چئن سالن جو هو پر بلڪل اهميت ڀريو وقت هو ڇو ته ١٩٢٧ع کان ١٩٣١ع تائين اسانجي ملڪ لاءِ اهو پورو يگ هو جنهن ۾ سرڪاري کيتن جو بنياد وڌو ويو. ان وقت اسان سهڪاري سنستائن کي زمين الاٽ ڪرڻ شروع ڪئي. ساڳئي وقت پوک وارين ڇهولين حدن کي ٽوڙي ڳوٺاڻي زندگي کي بلڪل نئون سوشلسٽ رنگ ۾ رنگ ڏئي ڇڏيوسين.

منهنجو ڳوٺ ٽوڙي شهر، ڪارخاني ٽوڙي کيتيءَ، هنر ٽوڙي زراعت، سڀ سان بلڪل گهرو لڳاءُ رهيو. زاپوروزئي جي ڪارخانن کي نئين سر جيارڻ جو ڪم هلندي مون کي سرڪاري کيتن ڏانهن به ڌيان ڏيڻو پوندو هو. ڊنيپر ۾ به ڳوٺن ۽ شهر ساڳئي وقت ڪم ڪرڻو پوندو هو. مولوداويا ۾ به پوک جو مکيه ڪم ڪندي، اليءَ جي هنري کيتر کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ممڪن نه هو.

اڄ به ڪريملن (ماسڪو) ۾ منهنجي ميز تي ملڪ جي کيتي ٻاري ۽ فصلن بابت رپورٽون رکيل نظر اينديون. مون کي ملڪ جي ڳوٺاڻي حصي جو احوال معلوم ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي آهي.

جڏهن به ڪرسڪ، ڊنيپر پيٽروسڪ، مولداويا، وولگا جي پاسي جي ڪامريڊن کي ڳالهائيندو ٻڌندو آهيان، تڏهين انهن کي سندن آوازن مان ئي سڃاڻي وٺندو آهيان ته ڪنهن وقت ڪهڙي پوک ۽ ڪهڙا فصل آهن اها به ڄاڻ رکندو آهيان ته اگر جون تائين برسات نه پيئي ته ايندڙ فصل ۾ هيٺري ڪتر پوندي ۽ جي جون جي آخر تائين برسات نه پيئي ته مون کي چنتا ٿي پوندي آهي. مرضي ٿيندي اٿم ته ان مصيبت جي وقت مان هارين سان گڏ هجان."

نيون زمينون آباد ڪرائڻ منهنجي زندگيءَ جو هڪ حصو ٿي رهيو آهي.

١٩٥٤ع جي جنوري مهني ۾ سخت ٿڌ پئي پيئي. انهيءَ وقت ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي سڏ تي مان ماسڪو ڇهتس رشيا جي الرهاڻي ۾ الاهي اڀراضيءَ ۾ ڦهليل ٿين زمين جي وڪاس جي رٿا هٿي. ٿين زمنين جي آبادي جو وڪاس مون لاءِ ٿين ڳالهه ڪانه هئي پر هن پيري ڪم تمام وڏي پيماني تي ڪرڻو هو.

ڀري ذميواري هئي. بهار جي مند ۾ ڪرغستان جي زمينن تي پوک شروع ڪرڻي هئي. مرڪزي ڪاميٽيءَ مونکي ۽ ٻين - ڪري - پولوماريڪو کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو.

ڪرغ رپبلڪ جي باري ۾ منجهائيندڙ ڳالهه اها هئي جو اتي جو ڪاروبار ٺيڪ نه پئي هليو. مڪاني اڳوان هيءَ ڪم هموار ڪرڻ جي قابل نه هئا. هيڏو شاهي ميدان ۾ ڦهريون پيرو هر هلائڻ لاءِ نئين سوجهه ٻوجهه جي ضرورت هئي. وڏو سوال نه اهو هو نه رڳو رپبلڪ لاءِ اناج ڪونه پيدا ڪرڻو هو پر سڄي ملڪ لاءِ اناج جو مسئلو حل ڪرڻو هو. سرءَ جي موسم ۾ ڪي زمين تي اناج جا سنگ ڏسڻا هئا.

سو هيءَ ناڻون پيرو منهنجي زندگيءَ ۾ اوچتي تبديل آئي.

۳۰- جنوري ۱۹۵۴ع تي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي پريزيڊيم، ڪرغستان جي حالت ۽ نئين نمولي سان غير آباد زمين جو وڪاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ مان ڪرغستان جي راڄڌانيءَ الماانا ڏي روانو ٿي ويس.

مون نٿي سمجهو نه ڪو هي واقعا ڪڏهن مونکي لکڻا پوندا نه نه ڊائري ضرور رکان ها. پر ان لاءِ افسوس ڪونه اٿم ڇو ته ڪامريڊ ليسن جا سڪدس ڪتاب

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

رهايو هو. رواجي ماڻهن جيان هنن جو به هڪ ماڙ گهر هو. ڇهن ڄڻن جي رهڻ جيتري جاءِ ۾ ست ڄڻا رهيا هئا. دل ۾ آيم وڃي اُن شاهه دل ڪٽنب جا ٿورا مڃان. پر ان وقت منهنجي پتني اتي نه هئي. اهڙي اچڻ ٿائين هيءَ ڪم لڙسائي ڇڏيم.

مونکي جنهن هند رهڻ جو حڪم مليل هو ان وٽ هو بزار ۾ پهتس. شهر جي بزار ئي سندس آرٽڪ جيون ۽ ريتين رسمن جي آرسي آهي. بزار جي پيٽ منجهان، شهر جي گهٽين ئي ڳالهين جو اندازو لڳائي ورتم. هن شهر لاءِ منهنجي من ۾ پيار اُڀري آيو.

هتي مونکي ڪيترن ئي هنڌ رهڻو پيو پر ڄيڪا ڀورن ڀورن جاءِ مونکي رهڻ لاءِ ڏني وئي هئي اها شهر کان پنج ڪلوميٽر پري هئي. چوڌاري ساوڪ تازي هوا، ۽ جبلن تان لهندڙ نهرن جي وچ ۾ بلڪل سندر آستان ئي اها جاءِ هئي.

١٩٧٦ع جي سيپٽمبر مهني ۾ آخرين دفعو ترڪستان ويو هوس. اُن ڀورن جاءِ جو ديدار ڪرڻ ويس. اتي جي لنٽين رهواسيءَ کي ڇيم هن در وٽ منهنجي بيڊ ۽ سوفا رکيل هئا. هن يڪدم چيو، ”نه سائين اهي هتان ته دروازا پرتي هتي رکيل هئا.“

هي واقعو الما آتا جي ليزيءَ سان بدلجڻ جي ڳالهه تي لو پيش ڪري. رڳو اها هڪ جاءِ ئي نه پر سڄو شهر

۽ اُن جو رنگ روپ ئي بلڪل نئون ماڊرن ٿي ويو آهي.
هاڻي جڏهن جڏهن الما اتا ڏي وڃڻ ٿيو آهي تڏهين تڏهين دوستن کي اهو ٻڌائڻ کان رهي نه سگهندو آهيان ته جن هنڌ مان پنهنجي ڪتب سان رهيو هوس اهي هنڌ بلڪل ئي بدلجي ويا آهن. جڏهين جنگ اڃا جاري هئي ۽ منهنجي پتنيءَ جنهن جاءِ ۾ الما اتا ۾ اچي اچهو ورتو هو اتي هاڻي هڪ وڏو ڦوهارو نهيل آهي. ٽرباٽوف ۽ ڪرمانگزي ايراضين ۾ نه هاڻي رڳو هڪ به جاءِ آهي.

الما اتا ۾ پنهنجي رهڻ لاءِ جاءِ جو تڪاڻو ڳولڻ کان اڳ فيبروري ١٩٥٤ع ۾ ٻهراڻ نه مان وڃي ڪزڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي ميڙ ۾ شامل ٿيس. جتي مونکي ڪيترن ئي سائين جي تقريرن ۾ بلڪل صاف گوئي نظر آئي. هو پاڻ لي لکتچيني ڪرڻ کان به ڪونه ٿي هٽڪيا. منهنجي ساٿيءَ پونوماريڪو ۽ مون کين بلڪل شانتيءَ سان ويهي ٻڌو.

چوٿين وقت ڪاميٽيءَ جي عيوضيءَ ميڙ ۾ چيو نه پريزيڊيم جي سفارش موجب پونوماريڪو کي ٻهراون سيڪريٽري ۽ برزنيف کي ٻيو نمبر سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي.

مون کي ساٿي سر پنٽيليو ڪولدرا ليوچ لاءِ ڏاڍي عزت هئي. هن گوريلا اڳوان، هڪ ليزنهر ڪارنه ڪرتا

۽ وشواس جوڳي ساٿيءَ جيان ڪم ڪيو هو. هن اسان جي پيارن ميڙ جا شڪرانا مڃيندي چيو، ”مون کي وشواس آهي ته اسين ڪزڪستان ۾ جيءُ جان سان ڪم ڪري لوهان جي اميدن جي قابل ثابت ٿيندا سين. اسين ٻن سالن اندر ڪزڪستان ۾ ڪم جي پورٽ واريءَ جي رپورٽ مرڪزي ڪاميٽيءَ کي پيش ڪندا سين.“

برابر ٻن سالن کانپوءِ اسان ڪزڪستان جي زمينن جي آباديءَ جي رپورٽ پيش ڪئي.

( ٢ )

ڪم شروع ڪندي ئي اسين اڪي زور شور سان جنبي ويا سين. اڄ هيٺين سالن کانپوءِ اهي پوکون اهي آباديون ڏسي عجب لڳندو آهي ته ڪيئن سڄو هيڏو سارو ڪم فقط ٻن سالن جي عرصي اندر پورو ڪري ورتو سين. اسانجي ماڻهن جئن جنگ هلندي ڪاهين ۾ رهڻ، تڪليون ڪوسيون سهڻ جهڙين تڪليفن جي پرواهه نٿي ڪئي ليئن غير آباد زمينن لي فصل اُپائڻ لاءِ ٻه هر تڪليف جو مقابلو ڪندا وڌندا ٿي هليا. شايد انسان جي بدن ۽ رڳن جي سهن شڪتي لامحدود آهي.

مون نئين زمين کي آباد ڪرڻ جي پروگرام کي ٻه هڪ لڙائيءَ جي پيت ڏني آهي. پلي الي ٻمباڙاون ۽ گولابارين نه هيون پر ٻيون حالتون اهڙيون ٿي هيون جنهن سو پاڻ لاءِ لڙائيءَ واري انساهه سان ئي وڌڻو ٿي پيو.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

بلڪل جنگ جوڙڻ واري تياريءَ جيان پهرين اڳيون
۽ پٺ وارو لشڪر تيار ڪيوسين. ڪرڪ پارٽيءَ جي
ميڙ بعد انهي ستين ڪانگريس ڪئي ٿي. جنهن ۾ ڪم
جي اوک دوک ڪندي چيائون ته اڳين ڪاروبارين
جو ڪم تسلي بخش نه هو.

قدرتي پيداوارن سان ڀرپور زمين جنهن تي هزارين
سهڪاري بڻيون ۽ سرڪاري بڻيون شروع ٿي ويئون،
ٽرئڪٽر اسٽيشنون کلي ويئون سا اچا ۾ اوترو اناج ڪجهه
۽ اُن نه پيٽي پيدا ڪري سگهي جيترو جنگ کان اڳ
پيدا ڪري ٿي سگهي.

ليڪن انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ ڪوبان، يوڪرين ۽
دان جهڙين ايراضين ۾ حالت وڌيڪ سڌري هئي ۽
پيداوار جو اسٽاڪ ڪنو تيڻ ۾ شروع ٿي ويو هو.

هيڏانهن ڪرڪستان جي حالت اها هئي جو سٺي
آبهوا جي باوجود به ١٩٥٣ ۾ اٽي پنج لک انداز چوپائي
مال جو ناس ٿي ويو هو، ڇو ته سياري جي ٿڌين ۾
انهنکي ڇتين هيٺان نه رکيو ويو هو. سهڪاري کيتن
جا پرمک نه بلڪل اڻپڙهيل يا ڪو ٿورو اکر به مس
پڙهيل هئا.

هن خراب حالتن لاءِ ڪجهه باهريون ڳالهيون به
جوابدار هيون. ڪجهه وري مڪاني اڳوانن جي رضا
تي راضي رهڻ واري مدورتي به جوابدار هئي.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مرڪزي ڪاميٽيءَ جي ڀريـــون لمبر سيڪريٽريءَ آءِ آءِ. آهُوتوف ڪانگريس اڳيان ڳـــالهائيندي چيو، ”هيڏي وڏي ريپبلڪ جي هيءَ حالت سهڻ کـان ٻاهر آهي. اسين سڄيون بندوقباز وانگر حالتن تي ضابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. اسان جو ڪاروبار اهو آهي جو لکيل ۾ هدايتون به نه ڏنل آهن.“

هن قبوليت ڪانپوءِ اها ڳالهه ظاهر هئي ته ڪاني ڪاميٽيون ڪم ۾ اڳڀرون نه رهيون آهن. اڪٽيولسڪ ايراضيءَ وارن ڏيڍ سال اندر ڀوڳائي مـال لاءِ گـــاهه موجود ڪري ڏيڻ جـــو اعلان ڪيو. اخبارن ۾ ڏاڍي مشهوري ٿي پر هنن ان لاءِ پاڻ تي پارٽيءَ بدران ريپبلڪ جي وزارت کي لکيو ته ”هي ڪم پورو ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪدم ٣٠٠ ٽرئڪٽر، ڇهه هزار ٽن گاسليٽ، هيترو انداز موٽر آئل وغيره موڪليو، نه ته ڪڏهن ڪا وڏي ڳالهه نه ٿي سگهندي ۽ نه اسان گڏ لوهانجي ۾ گلا ٿيندي.“

مولکي پارٽي، فوج، آرٽڪ ڪيتر چاهي زرعي پيداوار واري ڪيترن ۾ ڪم ڪندي جيڪو آزمودو مليو آهـــي انهن موجب يقين اچي ويو اٿم ته جيڪو ماڻهو پنهنجا معاملا فقط ٻين جي مدد سان حل ڪرڻ چاهي ٿو ان ۾ پنهنجي ڪائي ٿوم ڪانه هوندي آهي.

هاڻي جڏهن ملڪ لاءِ اُن ڳالهه ۽ عمر آباد رومين

ڪي آباد ڪرڻ جو پروگرام هٿ ۾ کنيل هو ۽ انکي مدد ڪرڻي هئي ته هنن نالو ڪيڻ وارن جي منورتي ظاهر ٿي پيئي ۽ مون هنن لي خاص اک رکي.

”پنهنجن ماڻهن جي سنڀال رکڻ گهرجي“ اهـا ڳالهه چوڻ مهل منهنجي من ۾ هيءَ ويچار ڇٽو هـو ته ماڻهو اهي هجن جنکي پنهنجي ڪم جي ڄاڻ هجي، اٿين نه ته، ”جو آيو سو اگهيو“. ناقابل ۽ بي ايمانن کي هڪدم هٽائي ڇڏڻ کپي. انهن جي جاءِ لي يڪدم ٻيا قابـل ماڻهو رکڻ گهرجن. هن ڏس ۾ مون ۽ پورنيڪو بلڪل سخت رخ ورتو. اسان غلط فهمين کي روڪڻ لاءِ هيءَ حقيقت کلم کلا ظاهر ڪئي. ١٩٥٤ ۾ مون آلما آٽـا ۾ پنهنجي پهرين تقرير ۾ چيو ”ڪزڪ پارٽيءَ اڳيان صحيح ڪم ڪندڙن کي چونڊڻ جي ليتي خاص اهميت رکي ٿي. ڇو ته ڪم جيڪو هٿ ۾ کڻي رهيا آهيون سو تمام وڏي پئماني جو آهي ۽ سٺين ڪانگريس جي رپورٽ مان ظاهر آهي تـه ڪي اڳـوان فقط شخصي لاڳاپي جي لحاظ کان چونڊيا ويا هئا. اسان وٽ قابل ۽ آزمودگار ماڻهن جي کوٽ ڪانهي. هو پارٽيءَ جو سونپيل ڪم بلڪل ايمانداريءَ سان ڪرڻ وارا آهن. انهنجي هٿ ۾ ئي اڳوانيءَ جون واڳون سونپڻ گهرجن.“

ان ڪانپوءِ اسين مضبوط ارادي وارا اڳوان چونڊيندا وياسين ۽ انتظار ۾ هئاسين ته پارٽي ڪڏهين ٿي انهن

اُن ڇهيل زمين کي پوکڻ جو اعلان ڪري. نيٺ فبروري ۱۹۵۴ ۾ اهڙو حڪم مليو.

بس نين زمين کي هريو ڀريو ڪرڻ جي جنگ جاري ٿي ويئي. اتر ڪزڪستان جو ميدان جيڪو پوک هيٺ آڻڻو هو ان جي اراضي ڇهه لک چورس ڪلوميٽر هئي ڇڏجي ته سڄي فرانس ملڪ جيتري اراضي هئي. جنهن مان اڍائي لک چورس ڪلوميٽر (يعني سڄي برٽن جي ڪل پکيڙ کان وڌيڪ اراضي) سئبيريا جي گاهه واري زمين ۾ پوک ڪرڻي هئي.

سڄي رشيا جون ڪل ۴۲۰ لک هيڪٽر زمينون هيون جيڪي اڳي پوک هيٺ نه آنديل هيون جن ۾ ڪزڪستان جي اسانجي سپرد ڪيل اڍائي لک هيڪٽر اراضيءَ کان سواءِ ملڪ جا ٻيا حصا هئا التائي، ڪراسنويارسڪ، نووسيبرسڪ اراضيون، اومسڪ ياگو وولگا، يورلس ۽ دور اوڀر وارا ٽڪرا.

ڪزڪستان ۾ اسان اڍائي لکن هيڪٽرن مان هڪ لک اسي هزار هيڪٽر نه ۱۹۵۴ ۽ ۱۹۵۵ جي دوران ئي پوک هيٺ آڻي ڇڏيا.

اهڙو ڪارنامو هونءَ ئي وڏي ڳالهه آهي پر وڌيڪ دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته وڪاس معنيٰ رڳو پوک نه هئي ان ۾ گهر، اسڪول، اسپتالون، ٻال مندر، بسال وهار، آرام گاهه، نوان رستا، پليون، هوائي اڏا، چالو رن

هزارين سهڪاري ڪيٽن جا چيئرمين، زرعي ماهر، انجنيئر ۽ مڪئنڪ مقرر ڪيا سين. هنن ۾ ڪيترا بلڪل نوان پر شاندار لوڪل ڪامگار هئا.

مرڪزي وزارت، ڪيٽن تي ڪم ڪرڻ وارن جي مقرريءَ لاءِ خاص هيڊ ڪوارٽر ڪوليو جتي ايتري ته اچ وڃ لڳي پئي هئي جو هڪ ريلوي سٽيشن وانگر پئي لڳو. ٽين ٻنين تي ڪم ڪرڻ وارن جي پرکيءَ لاءِ آيل اميدوارن کان ملاقاتون وٺڻ لاءِ مونکي اتي صبح کان آڌي رات تائين وهٽو پوندو هو. اميدوارن سان ڳالهين جا ڪلاڪ ڳالهائي ڪين هن شاهي رٿا جي اهميت سمجهائيندو هوس جئن ڪين ان ۾ پورو وشواس جمي ۽ جيءَ جان سان ڪم کي جنبي وڃن. اوڏانهن وڃڻ لاءِ ڪيتري اڇا اٿن، ڪيترو آزمودو اٿن، صحت سالم اٿن يا نه سندن ڪٽنب اڻ ڇهيل زمين ڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندا؟ وغيره ڪئين ڳالهيون ڏيان ۾ رکيون ٿي پيئون موت ۾ هنن به الاهي سوال ٿي پڇيا ته ڪين ڪيتري زمين پوک لاءِ ملندي، انجو قسم ڪهڙو هوندو، ڪين ڪڏهن وڃڻو پوندو، ڪهڙا ماڻهو ساڻن گڏ ڪم ڪندا، ڪيتري مشينري ملڻ جي اميد رکن، وغيره.

اوڏي مهل ئي ڊائريڪٽر، ماهر چيف انجنيئر، رواجي انجنيئر ۽ اڪائونٽنٽ مقرر ڪري ٽولي ناهي ويندي هئي. آزمودي ڏيکاريو ته انتظام لاءِ هڪ ڊپٽي

ڊائريڪٽر به بلڪل ضروري هو.

مون پنهنجي آفيس ۾ ترڪستان جو نقشو ٽنگي ڇڏيو. جئن جنگ وقت رشيا جي نقشي ۾ فوجن جي چرپر جا نشان لڙائيءَ جي ميدان جي خبر چار جا ڏيندا هئا ليڪن ترڪستان جي نقشي تي سرڪاري کيت، انهن تي ڪم هلڻ جا مرڪز، وغيره نشان ڪيل هئا. هڪڙي مرڪزن تي گول چڪر ٺهرايا ڇڏيم. سهڪاري ۽ سرڪاري کيتن وارن هنڌن تي ڳاڙها ساوا جهنڊا نشان ڪيل هئا. نين پوکن لاءِ خاص ڳاڙها جهنڊا نشان ڪيا ويا جي ۱۹۵۴ ۾ فقط ۹۰ هئا پر ۱۹۵۶ تائين وڌي ۳۳۷ وڃي ٿيا.

رواجي طرح ماڻهو لوهان کي پنهنجي يادگيريءَ مان اهو ٿي ٻڌائيندا ته نوآبادين لاءِ ويندڙ ڊائريڪٽرن جي ڪيسن ۾ مقرريءَ جو آرڊر، بئنڪ اڪائونٽ جو نمبر ۽ ريل جي هڪ مهر هوندي هئي ۽ منزل تي پهچي پنهنجي نالي جي پٽي لڳائي ڪم شروع ڪري ڇڏيندا هئا. پر ان جي وچ وارا تفصيل ڪين وسري ويا آهن سندن ڪيسن ۾ عهدي جي آرڊر کان سواءِ زمين کي آباد ڪرڻ جا نقشا به هئا. نوآباديءَ جون رٿون به هيون. ڪهڙن هنڌن تي پوک شروع ڪرڻي آهي وغيره.

مقرر ڪمن کي سرانجام ڪرڻ ۾ ڪافي تڪليفون درپيش آيون. ڪٿين ڪوڙ هو ته زمين ڀڪري ڀائي هئي

هتا جن رپبلڪ جي آبادي ۽ واري ڪارنامي جو بيڙو
همٿ ۾ کنيو هو.

سپ ڪسان ڀورين مزوري هو له ڪم ڪندڙن کي
ڏسيو ته زمين جي ڪهڙي حصي لي وڃي
ڪم شروع ڪن. زمين ايڏي وڏي هئي جو ايڏو وڏو
وڙهاست جو ڪم اڳي ڪڏهن ڪونه ٿيو هو.

اڄ ڪوئي ٻچي هن اٿاه ڪم جو سهرو ڪنهن لي
آهي ته مان جيڪر چوان انهن لي، جيڪي ڀورين ڀورين
هنن لين زمينن لي وڃي ڪم ڪرڻ لڳا.

پوک لائق زمين هڪ هنڌ ٻڪي نه هئي. اها
ڳولي ڇڪاسڻي هئي. اهڙي زمين ڪزڪستان ۾ ڏهه
ڪروڙ هيڪٽر هئي. ان جي ڇڪاس لاءِ ڪزڪ سائنس
اڪيڊمي ۽ سڄي ملڪ مان هزارين ماهر ۽ وڳيالسي
اچي سهڙيا هئن ڪل ٢٢٦ لک هيڪٽر زمين هر ڪيڙڻ
لاءِ ڪارگر ٺهرائي ان لاءِ پاڻي ۽ پاڻ جي ڪيتري گهرج
ٿيندي سا سڄي خبرچار علم ۽ رپبلڪ اختياري ۽ وارن کي
موڪلي وئي.

جيئن ته مان زمين سروي ڪرڻ جي ڊپلوما پاس
ڪيل هوس ۽ پارٽي ۽ جو سيڪريٽري به هوس الڪري
منهنجي هن سڄي ڪم ۾ تمام گهري دلچسپي هئي.
زمين جي ڇڪاس بعد جيڪا تمام اپناٿي زمين

شروع ڪئي، زماني جي تقاضا جو سڏ اونايو، ملڪ جي گهرجن جي پورت ڪئي ۽ اتر راشٽريتا جو گڻ ڏيکاريو.

الما آتا ۾ رهندي، ڪزڪ رپبلڪ سائنس اڪيڊميءَ جي صدر ڊي - اي، ڪنايف سان ٻڪدم دوستي ٿي وئي، جا پساءَ صديءَ تائين هلي. هي انجنيئر ۽ سنو ملڪي مدبر هو. هو ڪزڪستان جي ذخيرن ۽ ترقيءَ باهت وڏيءَ دل سان سوچي پنهنجا لڄا ويچار پيش ڪندو هو. هي اتل ارادي وارو شخص پارٽيءَ کي، اصولن کي ڏايو ڇهيندو هو. هو جلدئي ڪزڪ وزارت جو پرڌان ٿيو. اڄ هو ڪزڪ پارٽيءَ جو پرمک ۽ سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ پولٽ بيورو جو ميمبر آهي.

هن مولڪي يو - يو آسپانوف نالي شخص کي صلاحڪار ڪري رکڻ لاءِ سفارش ڪئي. جو هو پاڻ وگيان انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر هو ۽ هن محنتيءَ جو رهبريءَ ۾ الهيءَ انسٽيٽيوٽ سرڪاري کيتن جي وڪاس ۾ ڏاڍي مدد ڪئي هئي.

هڪڙي ٻئي شخص وي - اي شيرميتيف کي وساري نٿو سگهان جو زرعي وزارت جي زمين ڇڪاس کاتي جو پرمک هو، هي هڪ بي مثال شخص هو، جنهڪو گرمي چاهي سرديءَ ۾ بنا ٿورپاي سولجر جي پوشاڪ ۾ هلندو هو. کيتن لاءِ زمينون مقرر ڪرڻ مهل هن کان

سواءِ سري نہ سگھندي. ھو ساري ڪڙڪ پوميءَ جو رٿن
ڪندي، پنھنجي ڪلھي ۾ لٽڪندڙ ٿيلھي ۾ اُن پوميءَ
جا نقشا، خاڪا ۽ رستن ۽ جبلن ۽ ٽهرن جا تسالا ۽
ڏس پتا کڻا ڪندو رهندو ھو.

ھنکي جو خبر پيئي تہ مونکي بہ زمين بابت ڊپلوما
آهي تہ بس ڏاڍو خوش ٿيو. ھر لنديءَ ڳالھہ ۾ منھنجي
فيصلي جو خواھان ٿي پوندو ھو.

ھڪ ڀيري تہ الاھي نقشا اچي ميز تي سٽيائين.
ڇي ڏسو تہ ھي ڇا پيا ڪن. جھونيون پوک واريون
زمينون نين پوک لاءِ بحال ٿيل زمينن سان پيا ڳنڍين
۽ پراڻا ھاري چون ٿا، اسين بهار جي مند ۾ پوکہ شروع
ڪنداسين.

اصل ڳالھہ ھيءَ ھئي، جو سرڪاري ڪيتن ۾ ڪم
ڪندڙن کي جيڪي نيون زمين الاٽ ٿيون ھيون تن
تي وگيانڪ نموني پوکہ ڪرڻ لاءِ ھو تيار نہ ھئا. پارٽ
کي آزمودگار سمجھن ڪري ھنن ٻئي جو دخل
نہ ٿي چاھيو. انھيءَ منورٿيءَ جو مقابلو ڪرڻو پيو ۽
کين ذھن نشين ڪرايو ويو تہ ھن ڪان پوءِ ڪيتي وگيانڪ
پولگ تي ڪئي ويندي.

ھن شاندار ڪارنہ ۾ وقت ۽ پورھيو پيمت رکڻ ڪا
وڏي ڳالھہ ڪانہ ھئي. مان اڪثر رات جو دير دير
تائين سڀ نقشا ۽ تفصيل وٺنو جاچيندو ھوس، جنن

موڪليا ويندا. اُنهن ۾ ڪا غلطي رهيل نه هجي.
عالم آشڪار آهي ته ١٩٥٤ جي سال ۾ هنن نئين زمين کي آباد ڪرڻ ۾ زبردست ڪاميابي حاصل ڪئي. ١٣٠ لک هيڪٽر زمين جا آباد ڪرڻ بدران ١٩٠ لک هيڪٽرن لئي پوک ڪئي. ڪزڪستان پنهنجي پوءِ جملا پوري ڪري ڏيکاري جنهن ڳالهه ماڻهن ۾ ڏاڍو وشواس ۽ اُتساهه پيدا ڪيو. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ ۽ وزيرن جي ڪائونسل اسانجي هن تجربي جي ڇنڊڇاڻ ڪري يڪدم فيصلو ڪيو ته ڪزڪستان ۾ ٢٥٠ نوان سرڪاري کيت نئين زمين لئي آباد ڪيا وڃن. اُنهن مان گهڻن نوين کيتن لئي ريلوي اسٽيشنن ۽ ندين جي پر وارن هنڌن تي کوليا ويا. اسانکي هاڻي وڌيڪ اوکو ڪم ڪرڻو پيو ڇو ته سڀئي يعني ڪزڪ ميدانن ۾ گهڻو اندر لئي وڃي اُپجائو هنڌ ڳولڻا پيا جن جي اُپج شڪتيءَ لئي ٻه راءِ هئا. مثال طور آڪتوبنسڪ ايراضيءَ جي زمين کي زرعي وزارت پوک لائق نه ٺهرايو ۽ ڪارگندا ايراضيءَ جي مڪاني ڪامريڊن چيو ته زمين اهڙي اُپجائو آهي جو اتي ١٨ سرڪاري کيت کڙا ڪيا ويندا. مون وزير کي ماسڪو سڏايو هنجو چوڻ هو ته ڪارگندا جا ڪامريڊ محب وطن آهن ۽ اُتر ايراضيءَ جا ڪامريڊ تنگدل آهن وغيره وغيره.
لفظي ڇڪتاڻ هميشه بيڪار ٿيندي آهي. اتڪري

مان خود آڪٽوبر جي وچ ۾ پهتس. وڳيائين ۽ ماهرن
کان زمين جي جاچ پڙتال ڪرايم. ٻُڌڻ ۾ آيو ته اٽڪل ١٧
لک هيڪٽر زمين جا بلڪل اڻڀاڻسو هئا ۽ ڪارڪندا ۾
وچي ڏٺم ته زمين پوک لائق نه هئي. انڪري منهنجو
وشواس پاڻ پختو ٿيو ته زرعي ڪم لاء وڳيانڪ ويچار
صحيح آهن نه ڪ واليئٽري خيال.

الماآتا ۾ نئين زمينن جي وڪاس جو جائزو وٺڻ لاء
ڪزڪ ريجنل پارٽي سيڪريٽري ۽ ڪاروباري ڪاميٽيء
جي پڙدان جي ميٽنگ ڪوٺائي ويئي. مون ان ميٽنگ
۾ هي لفظ چيا:

اسان زمينون الاٽ ڪرڻ جو ڪم شاهي پيماني
تي شروع ڪيو آهي. لوي لک هيڪٽر زمينون واهي
چڪا آهيون پر ڪارڪندا جتي ١٨ سرڪاري ڪيٽ
کولڻ جي موڪل ڏني ويئي آهي، اُتي اڃا زمين جي
اُپجائو ڀاڱن جي چنڊ ڇاڻ ٿي نه ٿي آهي. الهيء حصي
۾ مون خود وڃي جاچ ڪئي آهي ته ڪي سنا اُتي
پوک لائق آهن پر نه اهي جن لئي مڪاني ماڻهن جو ضد آهي."

هي سڀ مان انڪري لکي رهيو آهيان جو پوک
شروع ڪرڻ وقت تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ ضروري آهي،
ڇو ته رڳو پوک ناهي اُتي آسپاس جيوت جا سڀ سک
به آڻڻا آهن.

(٣)

پهرين بهار منڊ جا ڪزڪستان ۾ ڏٺم تنهن موٽڪي
خوشي، سوچ، سخت پيڙا ۽ مشڪلاتن جو گڏو گڏ احساس

انهيءَ وقت ڪستنائي ايراضيءَ ۾ ڪيل پنهنجي
ٻن ٽرا موڙن کي چڱي ياد آهي. انوقت اين. ايس. ڪروشچيو
الي آيل هو. وڏي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. اسين
مشڪل ايڊمڻ فارم لي ڪنا تياسين. هن ڪانفرنس ۾
هي ماڻهو به شامل هئا:

ني.ڪي.ٻونومٽرينڪو، آر. پي. ڪرامڪوف (ڪستنائي
ريجنل پارٽيءَ جو مکيه سيڪريٽري) آء. جي. سلازليف،
ريجنل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جو چيئرمن، ايم. جي.
موٽورينڪو، ڪستنائي فارم جو ڊائريڪٽر (هاڻي ڪزڪ
ريپبلڪ جو زرعي وزير ۽ وگياني)

هڪ اهم تڪليف پيش ڪئي وئي. هارن جو
چوڻ هو ته رواجي هر جي چونيءَ سان زمين ضرورت
مطابق اولهي نه ٿي ڪوڙهي سگهي. ڍڳهن ڪاهڻ ۾ جڏهن
ٻج چٽڻ لاءِ چير وڌو ٿي وڃو لڌهن چوني پٺي ٿي پيئي.
اسان سڀني پنهنجي ميٽنگ مهمل ڪري زمين ٿي
وڃي عملي طرح جائزو ورتو. هڪ ٽريڪٽر ٽوليءَ وٽ
پهچي ڪاٽڻ پچا ڳاڇا ڪرڻ لڳس. هڏن جو ڪم ٺيڪ
طرح سان نه پئي هلي سگهيو. سندن چوڻ هو ته هاڻوڪا
هر بلڪل بيڪار آهن. ٻئي قسم جا هتي جي سخت
زمين لاءِ ڪارگر هر گهرجن.

”ڪهڙي قسم جا؟“

”اسان ڪيترو وقت کان ٻئي قسم جي گهر پئي

ڪئي آهي پر ڪن لاٿار ٿيندي رهي آهي.“ هڪڙي
ڊرائيور رڙ ڪئي: ”هن زمين لاءِ ڪارگر هر نهرائي ڏيو
۽ اهي ڏيو به يڪدم، دير اصل نه ٿيڻ کپي.“

اين. ايس. ڪروشچيو جڏهن اها ڳالهه ٻڌي تڏهن
ڏاڍو غصي ٿيو. ٽيڪنيڪل ماهرن کي تنبيهه ڪيائين
ته هنن اها ڳالهه اڳواٽ ڇو ڪانه سمجهي. ان مهل ئــ
فئڪٽرين کي آرڊر ڏجي ها ته نئين قسم جا هر جوليون
ٺاهڻ لاءِ ڪافي وقت ميسر هو.

نئين نموني جا هر ٺــاهڻ لاءِ يڪدم فئڪٽرين کي
آرڊر ڏنو ويو ۽ مهيني اندر سامان ٺهي تيار ٿيو.

آبــاديءَ جو ڪم زور شور سان چالو هو. هڪ شام
جو هميشهه وانگر سرڪاري کيتي ڪندڙن کــان حال
احوال وٺـــڻ لاءِ فون ڪيم تـــ آرڊزونيڪزي ٻنيءَ جي
ڊائريڪٽر ايف. ڪي. ڪرشتين چيو، ”هونءَ تـــ ڪم
نيڪ پيو هلي مگر هر جي جوڙي پنج منٽ مس ٿــي
ٽڪ جهلي بيهو ٿي پوي لوهين رڳو ڇونيون موڪليو
في الحال اسين ڪم پوريءَ رفتار سان هلائي رهيا آهيون
لوهين خود اچي ڏسي سگهو ٿا.“

مون پڇيو ”ان حالت ۾ ڪيترال زمين جي کــاڻين ۾
ٻج ڇٽڻ لاءِ ڪڏا ڪيٽن ويندا ٿاهيو؟“

ته چيائين، ”ٻلڪل پارن وانگر ويندا زمين کي ڪرڙي
وڌو ڪرهون.“

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٻئي ڏينهن صبح صبح اسان جي هڪ وڏي ٽولي
انهيءَ کيمپ ڏي هلي. هن ۾ مرڪزي ڊپٽي وزير ايس.
وي. ڪاليپنڪو هو. روسي ۾ ايم. جي. راگينٽس
کي ٻه ڪنيوسين هو وڪاس لاءِ زمين جو پارٽي ڪاميٽيءَ
جو عيوضي هو. هنکي مان لسن ڏينهن کان سڃاڻندو
هوس جڏهن مان يوڪرين ۾ هوس ۽ ڊليپرو پيٽرووسڪ
۾ ڪم ڪري رهيو هوس. هيترن سالن کان پوءِ کيس
ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. هن جوان پهرين سيڪريٽريءَ
پوءِ وزير جي عهدي تي رهي هنن زمينن جي وڪاس
لاءِ خوب ڪم ڪيو. گڏ گڏ هلندي خبر پئي ته هيءَ
ئي اهو شخص هو جنهن اها "ننڍڙي صلاح" ڏني هئي
جنهن ڪري سندس نگاهه هيٺ ٻنين ۾ ڪم تمام سٺو
پئي هليو.

مون کيس چيو "پاڻ اها "ننڍڙي صلاح" ڪيئن
ڏنئه."

هن جي منهن تي مرڪ هئي. چيائين، "جيڪي هر
آهن تن جون چوليون ستن سينٽيميٽرن کان پوءِ ور
ٿيون ڪائين نه ١١ سينٽيميٽرن ڪالپوءِ. اسين چولي
وجهي اهو ستن سينٽيميٽرن جيترو گاهه سوڙو پرڊ زمين
تان لاهي اُبتو ڪيو ڇڏيون ۽ اهو زمين ۾ ڪيل ڊگهن
ڪالهن ۾ انهن ٽنگيو پوي جنهن ڪنهن پار جو چولو
پڻهان مٿي ڪري ٽنگي ڇڏجيس."

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مون چيو ”ڀوءِ اهڙي سني تجويز توهان پنهنجي سيني
کي ڇو ڪانه ٻڌائي آهي؟“

لاگنمنس چيو، ”ڳالهه اِئين آهي جو مون
سمجهيو ته لاءِ هل ڪرڻ سهڻو ڪو نه. لڳندو هر ڪو
پاڻيهي عقل هلائيندو.“

مون چيو، ”هنن شاهي زمينن لاءِ جيڪي ڪم
ڪرڻ آيا آهن انهن ۾ ڪيترا اڻ آزمودگار جوان آهن
ڪانه ڳالهه. توهان کي ڪم جي لڳي ته سيني ۾ ڦهلايو
شايد آزمودگار وڏيءَ عمر جي هارين وٽ به ڪي
صلاحون هجن جي هو شرم کان پنهنجي کي نه ڏيندا هوندا.“
ڪالچينڪو هامي ڀري چيائين ”ائين ٿي سگهي ٿو.“

مون چيو، ”اڄ ٿي سيٽني کي لکي ٿا موڪليون
ته ١١ سينٽيميٽر جو پرد زمين کان لاهڻ ۾ جيتي
تڪليف محسوس ٿي رهي آهي، اڳي ست سينٽيميٽر
پرد لاٿو ويچي.“

هن چيو، ”مان اڄ ئي ٿو لکان“ سڀي وات راگنيش
جي پٺي چير ڪٽي سين ته پوکريني نه جيترو ٿي سگهندو
اتن اوترو ٿلهو لهه لاهيندا آهن پر ٿون وري سنهو لهه
لاهڻ ۾ استاد لڳتين. اڳي نه ڪڏهن به اهڙو سنهو پرد
نه لاٿو آهي.

ٻئي ڏينهن لي ڪستنائي ريجنل پارٽيءَ جي بيورو
جو ميڙ ٿيو. ان ۾ لين ۽ آباد ٿيندڙ زمينن لي آمدرفت

ڪاٺ، ٺهيل ڄڙيل گهرن جو اسباب، پيٽرول، ٻج، واپار جو سامان مطلب گاڏا ڀري اچي مال جا ڪنا تيا هئا. جن جي مال لاهڻ لاء سڄي جو سڄو ڳوٺ ڪم لي لڳايو ويو هو. آسپاس جي ٽن ٻنين ۾ ڪم اچڻ جو سامان به هٿي ئي اچي لٿو هو.

ولچارا پارٽي ڪم ڪندڙ ۽ ڪميونسٽ ليگ جا ميمبر ماڻهن کي زوريءَ ٻين جي گهرن ۾ پيا ٽڪائين پر جوان جي پنهنجي پنهنجي آلات تيل ٻنيءَ جي فالن جا جهنڊا کڻي، ۽ آيا هئا، سي ڪٽي ٽا ٻڌجي وهن رڙيون پيا ڪن، مرينو وسڪي، الباسارسڪي! ليپرو پيٽرو وسڪي، بامنوسڪي!

ٻهار جي مدد ۾ برف ڳري زبردست جهرٽي جي صورت وٺي هلي هئي. مال ٻيءَ پر ڪيڻ وجي. ڪن ولچار ڪيو ليسين اهو سرڪاري سامان هٿي ئي ساڄي طرف پيا ڪم آڻيندا سين. اهو فيصلو ٻڌي رالورات هڪڙي ٽرنڪٽر ٽولي گم ٿي ويئي. انهن جو اڳوان ولئڊيمر چيڪالن هو.

پارٽي سيڪريٽري مڪارن هن ٽولي کي ڳوليندي اچي جهرٽي جي پرور وٽ لڌو. چيڪالن کي چيائين تو انتظام ڇو ٽوڙيو آهي؟

هن جواب ڏنو "اسان انتظام ڪونه ٽوڙيو آهي اسان

کي جيڪو مال جنهن ٻنيءَ ۾ ڪم آڻڻ لاءِ مليو آهي اُتي ڪٺي ٿا وڃون."

اُن مهل جوان ڳوٺ جي هڪ بزرگ ڪي وٽ اچي حاضر ٿيا. هن بزرگ چيو "توهان ڪي هي سامان سويل ئي موڪلڻ کپندو هو خبر ڪونه اٿو تہ بهار جي مند ۾ برف رجي وهندي آهي؟"

ساڳئي بزرگ وري انهيءَ جهرٽي پار وڃڻ لاءِ هڪ سخت پٿرائون رستو بہ ڏيکاريو پوءِ تہ سڀڪي ٽولي لنگهي پار ويٺي ۽ اُن ڏينهن ئي پوک جي ڪم کي لڳي ويا. ڪي مشينيون ڊنبر پيرو وسڪي ڏانهن بہ موڪليون ويئون.

مون سان جنهن مهل مڪارن جوانن جي هن گستاخيءَ جي ڳالهہ ويني ٻڌائي تنهن وقت هو اڃا جوش ۾ هو. ٻہ پوءِ ان پٿرائين ٽڪر وٽ بيٺون ٻڌي اهڙو ڪم ڪيو ويو جو بسيءَ ۾ لاءِ آيل سڄو سامان الي پهچي ويو. هن قسم جا جرئت ۽ شخصي عقل هلائڻ وارا واقعا خوب ٿيندا هئا. انهن لڳندو هو جنگي مورچي تي حالتن جو اندازو لڳائي جوان اڳتي وڌي رهيا آهن. انهيءَ عرصي ۾ مون اهڙن گهڻن ئي جوانن جي همت افزائي ڪئي.

البسار مان مڪارن سان گڏ اڳتي روانو ٿيس. ٻپي

ٻنيان ٻني ڏسندا ٿي وياسين ٻهار ۾ ڪزڪستان جا
هي سٽيپي (ساوا ميدان) ڏسڻ جو هيءُ پهريون موقعو
هو. من موج ۾ اچي ويو. ڇا ته شاهي پکيڙ هئي انهن
ميدانن جي. شايد سج ٻـــ هنن ميدانن لئي افق کان
شفق ٿائين هلندي ٿڪجي پوندو هوندو. بسنتي ميدانن
جا رنگ ڄڻ مچ پئي ٻرندا- ٻاٽيءَ جي نيراڻ چلڪاٽ
پئي ڇڏيا، ٿازو سرهو گاهه اس ۾ پئي ٻهڪيو، گل لال
جي ڪرڙ رنگ لائي ڇڏيو هو ۽ آسپاس سڄو رستو هن
سائي پٽي جي ٻن ۾ ڪاري زمين جا ڇوٽڪ ڇونڪ
هر ڏيئي، پهريون ٻيرو پوک لاءِ تيار ڪيا ويا هئا.

مگر سڄو رستو هڪ سوال منهنجي من کي ڪوئي
وانگر ٽڪي رهيو هو، ته هتي ڪيتري زمين ۾ ٻج ڇو
نه وڌو ويو آهي. مڪاني ماڻهن چيو هنن زمين لي پوک
هميشهه ٻئي سال ڪبي آهي. مون هلندي هلندي هڪ
ٽرئڪٽر ٽوليءَ جي ماڻهن کان پڇيو، ”هتي پوک جوُن
۾ ڪندا؟“

چيائين، ”پاڻ ڪلاٺو آٿون ڇا؟“

آلبسار کان موٽندي ڏٺـــم مڪارن کي ماٺ لڳي
وئي هئي. مون کيس صلاح ڏني ته هنن حالتن لاءِ
رپورٽ پيش ڪر.

هن چيو، ”لوهان روبرو سڀ ڏٺو، باقي رپورٽ ڇا
لاءِ لکان.“

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڳالهه هن طرح هئي. انهيءَ علائقي جا ماڻهو ٻئي هنڌ پوک ۾ وڌل هجڻ ڪري هميشه هتي ٻئي سال يعني بهار جي مند ۾ ٻج پوکيندا هئا. هن پراڻي رسم کي ڇڏڻ لاءِ گهڻي ئي بحث ٿيا هئا. پر ڪو به ٺيڪ نتيجو نڪتو هو.

مون کيتي جي ماهرن سان صلاح ڪئي ۽ ١٩٥٥ع جي فصل لاءِ نين زمينن لئي ڇهن مهينن ۾ پوک شروع ڪرائي. هنن زمينن لئي هر اچا اپريل مئي جي مهيني ۾ ئي کيڙيو ويو هو.

پهرين نه ماڻهن کي هن نئين قدم لاءِ مڃائڻ جا اپاءَ سوچيندا هئاسين ۽ مڪانن اچي مڪانن جي گهر ڀيٽائيسين سنڌس استري فيوڊويسا سانيبرپا جو لذيذ گوشت تيار ڪيو هو. مون ان لذيذ طعام ڪاڌو ڏيندڙ جي خوشيءَ ۾ هڪ جام پيتو ۽ ٻيو نين زمينن جي آباديءَ جي خوشيءَ ۾.

اها شام ونسلي فلپو وچ مون سان خوب بحث ڪيو هو. هن چيو، "توهين پڪ سان چئي سگهو ٿا ته هنن نين زمينن جو اناج ملڪ جا وڏا اناج پيدا ڪندو؟"

"ڇو توکي شڪ آهي ڇا؟"

"اوهه! مون ڇا نه محنت ڪئي آهي زمين سان...."

مون چيو، "ونسلي منا! نه رڳو مونکي وشواس آهي پر مان هن سڪيم ۾ شامل آهيان، ان لئي مون کي

نجر آهي."

مان وتسليءَ جي دل جي حالت چڱيءَ طرح سمجهي ٿي سگهيس. هي انهن مڪاني ڪم ڪندڙن منجهان هو جنهن ڪم جي پئماني جي بدلجي وڃڻ ڪان پوءِ به اسان ساڳئي عهدي لي رکڻ پسند ڪيو هو.

وتسلي مڪارن انهن هزارين ضلع پارٽي سيڪريٽرين مان هو جنهن کاهن لي پارٽيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو درجو هموار ٿيل هوندو آهي. سورج جي تپت ۾ سڙندڙ هنن ميدانن ۾ هڪ ننڍڙي سانتيڪي ڳوٺ جو رهاڪو هو وتسلي. پر ۱۹۵۴ ۾ سندس ڳوٺ نين زمينن جي آباديءَ ۽ هلچل جو مرڪز بڻجي پيو. مڪارن کي هڪ هاريءَ جو من هو جو هر ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ چاهيندو آهي ۽ هڪ ڀيرو لٽين ڪاريه لاءِ سندس من ۾ وسواس پيدا ٿي ويو ته پنهنجي ساري سگهه ۽ ڪلا جي پوڄي جيءَ جان سان ان ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي.

منهنجي گهر ڪرڻ اي ٻئي ڏينهن صبح جو مڪارن سرڪاري ڪيتن جي ڊائريڪٽر اي- وي- زودالوف کي، آءِ- جي- لکوبابا کي ۽ جي- واءِ- توليڪوف کي پارٽيءَ جي آفيس ۾ گهرايو. ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ايس- ڪي- گلوسچڪ، سندس زيردست آر- ڪئسمن ۽ ٻيا ڪامريڊ به حاضر هئا. وري هڪ ڀيرو اسان هرهڪ ڳالهه لي بحث ڪيو. سڀني کي ڏيان سان ٻڌڻ ڪالپوءِ

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مون چيو، "اها تمام سٺي ڳالهه آهي جو توهين هن
پراجيڪٽ جي باري ۾ گنڀيرتا سان سوچيو ٿا. هاڻي
اسانکي ڏسڻ کپي ته ڇهه کهڙيءَ ڳالهه ٿي آهي.
فرض ڪريو هاري هنن زمينن کي ڪيترو چاهي ته هو پنهنجي
ڪاٺ جي هر سان سڄي مهني ۾ هڪڙي ٽڪري کي
مس کيڙي سگهندو پر پوکڻ لاءِ وري سال ترسڻو پوس
ها جو ونس ٻج ڪونهي. ان وچ زمين اس ۽ بارش يا
برف سبب سڪي ٺوٺ ٿي وڃي ها. هاريءَ جو اهو
آزمودو اسان جي ڪابه رهبري نٿو ڪري سگهي. اسان
وٽ مشينون آهن الاهي پٽ کيڙي ٽڪي مشين دواران
پاڻي ڏيئي نرم ڪري ٻن ڏينهن اندر ٻي ٻج پوکڻ لاءِ
تيار ڪري سگهون ٿا. ان حساب سان ساڳئي سال ٻي
پورهئي جو ڦل حاصل ڪري سگهون ٿا. هاڻي توهين
فيصلو ڪريو."

"فيصلو ڪهڙو ڪريون. مان ته انهين ٿي چوندو آيو
آهيان ته يڪدم ٻج ڇٽڪارڻ شروع ڪجي" زوڊالوف
چيو. "ته پوءِ پوک شروع ڪريو" مڪارن چيو،
"حقيقت ۾ اسانکي پوک شروع ڪرڻ کان ڪوئي روڪي
ڪو نٿو پر هتي جا هاري چون ٿا توهين فصل لڻڻ
نه اچجو توهانکي خبر ڪانهي ته هتي جي زمين ڪهڙي
آهي. سندن اهڙيون ڳالهيون اسان جي دماغ ۾ شڪ
پيدا ڪن ٿيون."

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مڪارن پوءِ مونکي پڪ ڏني ته جيڪا به زمين کيڙي اٿئون اها سڄي پوک هيٺ آندي ويندي. چيائين، "لوهان اسان جا شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا آهن. لڳي ٿو اسان اوڏهه پڻ ٿي ناڪوڙا هنيا." مون چيو، "اهو ته نيڪ پر هڪ ڳالهه بي به آهي. اسان ڏٺو زرعي ۽ ٽيڪنيڪل لحاظ کان هنن پوکن جي باري ۾ ويچار پڻ ڪيو آهي پر هن سال پوک ڪرڻ کي ته ڏٺو آرٿڪ پر راجنيتي پهلو به آهي. سڄي دنيا کي ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي ته اسين ڪميونسٽ نه فقط وڏا ڪم ڪندا آهيون پر اهي ٿوري وقت اندر پورا ڪري ڏيکاريندا آهيون. خود پوک ڪندڙ ڪسان به هن سال ئي پنهنجي محنت جو ڦل ڏسي سگهن.

(۴)

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پڇندا آهن آخر هنن ميدانن کي آباد ڪرڻ جو ويچار پهرين پهرين ڪنهنکي آيو؟ مان چوان ٿو اهو سوال ئي غلط آهي. اهو ته ٿيو اسان جي پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ جو سهرو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ويچار ۽ ارادي ني رکڻ. سچ ته ڪنواري ڌرتي يعني لٿين زمين کي آباد ڪرڻ جو شاندار ويچار ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ويچار آهي جنهن سان دور دور جا سٽيپيز ميدان جاڳي اٿيا آهن ۽ نيون آرٿڪ سهوليتون پاتي الي تهذيب پکڙجي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڪزڪستان اولهه سائبيريا ۽ دور اوڀر جي ميدانن کي ٻهراڻ ٻهرين ١٩ صديءَ ۾ يورپ جي روسي حصي وارن غريب هارين اچي وسايو هو. ٽرانس سائبيرين ريلوي شروع ٿيڻ سان بستيون پرجي پيئون.

ليڪن پوءِ ڇا ٿيو؟ زار شاهيءَ جي زماني ۾ لکين پي زمين هاري لاري، زمين حاصل ڪرڻ جي اميد ۾ گاڏين ۽ بار گاڏن ۾ ڳاهت تي ٽپڙ ٽاريون کڻي هن طرف آيا. انهن مان ڪئين ته مسافريءَ جي ڏکن ڏولائن ۾ ئي مري ويا.

سرجيئي اوانوف جي هڪ ڪلا مورتيءَ ”ڊيٿ آف سيٽلرس“ ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن هڪ ڪسان ڪٽنب دور ميدانن طرف روانو ٿيو آهي پر رستي ۾ سندن ڪٽنب جو وڏو گذاري ويو آهي. اهڙي وقت ڪٽنب جي ٻارن لاءِ ڪهڙو آلت ۽ آسرو هوندو؟

تاريخ به انهيءَ دکدائڪ لڏ پلاڻ جي شاهد آهي. جيڪي به انهن دور دراز ميدانن ۾ پوکون ڪرڻ لاءِ پهتا تن کي سخت مشڪلاتن درپيش آيون. نه روڊ رستا نهيل هئا نه پاڻي هو. هر به فقط ڪاٺ جا لوهه جي چونچ وارا هئن.

انقلاب کان اڳ واري زماني ۾ هنن ميدانن کي پوک ڪرڻ هو قومي تباهيءَ کي سڏ ڪرڻ. زار جي ماڻهن جو انهن آبادگارن ڏانهن بلڪل پٿر دل وارو رخ هو.

سندن بيرحم ۽ حيواني رخ لئي ان وقت جي ليکڪن
چيخوف، ڪورولينڪو ۽ اُسپينسڪيءَ ڏاڍو لکيو.
اُسپينسڪيءَ پنهنجي مضمون "ٽرئولس ٽ د سيٽلرس"
۾ هڪ کيت جي اکين ڏٺي تصوير هن طرح چٽي آهي:

"جتي ڪٿي سڪل چيٽي جا ڪارا ڍڳ پيا نظر
اچن. ڪير ڪونه چيڪر اعتبار ڪري ته انهن ۾ ماڻهو
رهندا هوندا! پر ماڻهو سچ پچ رهيل هئا......"

اڄ به ڪٿي ڪٿي اهي ڪارن چيٽن جا گهر آهن،
جيڪي ماضيءَ جي مصيبتن جي ياد تازي ٿا ڪن.

حالتن جي ناسازيءَ سبب ويچارا هاري انهن ميدانن
مان واپس روس، يوڪرين ۽ بيلورشيا جي ايراضين ڏي
ڀڳا. پر اُتي به ساڻن سٺو ورتاءُ نه ٿيو تڏهن لينن، ڏاڍي
غصي ۾ زار سرڪار جي نيتيءَ کي خوب ننديو ته
"غريب هاري ناري پنهنجو اگر لگر وٺي سئبيريا ڏي
سرڪار جي سڏ تي ويا ۽ اتي پنهنجي هرڪا ڪوشش
نسڦل ڏسي سڀ ڪجهه کوهي، خلاص ڪري، فقيرن
جي حالت ۾ موٽي آيا آهن."

لڏ پلاڻ ڪندڙ هنن الاهي شخصن جي دردشا لئي
ڪک پن وجهڻ لاءِ زار سرڪار جي نيتيءَ جي بچاءَ ۾
ڪن بورزيا ويچاروان لکيو: "سائبيريا جي زمين تي
سڪل لونڻ تيل ۽ لکمي آهي." مگر سچ ته اهو هو
ته رشيا ۾ اهڙو ڪو ڪونه هو جنهن کي اها خبر نه

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آبادي ١٩٥٤ واري سال ۾ شروع ٿي، جڏهن ملڪ جي اناج جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ هتي جي زمين کي پورو پورو وجهه ڏنو ويو.

ڪيتري وقت کان پارٽيءَ انهن سائبيريائي زمين کي آباد ڪرڻ جو سوچي رهي هئي. آخر ١٩٢٩ ۾ هڪ جڳهه پرسڌ وگياني اِيل. ايم. لسلائيڪوف ويچار پيش ڪيو ته جيڪڏهن منهن ڏنارن وڏا شاهي ڪيٽ آباديءَ هيمت آئڊا وجن ته هي زمينون خوب آباد ٿي سگهن ٿيون. هن اوير طرف وجي انهن ڪمائتن پٽن جي چڪاس ڪئي ۽ ١٩٣٠ ۾ پارٽيءَ جي ١٦ ڪانفرنس وقت، مرڪزي ڪاميٽيءَ اڳيان پنهنجو چٽو رکيائين. کيس اميدوار ميمبر طور کنيو ويو. پوءِ پارٽيءَ جي زرعي کاتي پاران ڏنل رپورٽ ۾ سچي حالت صاف ڪري پيش ڪئي وئي ته جتي وڏيڪ قيمتي فصل پوکڻ لاءِ زمين ڪارگر ناهي اتي ڪڻڪ پوکي وڃي. لسلائيڪوف جي رپورٽ موجب ٣٦٠ لک هيڪٽر ڪڻڪ جي پوک لائق زمين اُتر ضلعن ۾ موجود هئي جنهن مان فقط ٥ سيڪڙو اراضيءَ تي ڪڻڪ پوکڻ جي سهوليت هئي. گهڻي آباديءَ وارين اراضين ۾ ۽ جتي ٽريڪٽر چڱيءَ طرح هلي ٿي سگهيا اها ٢٠٠ کان ٢٥٠ لک هيڪٽر زمين ڪڻڪ پوکڻ لاءِ رکي وئي. اتي ٢٤ ٿي ڪلاڪ ٽريڪٽر هلي سگهيا ٿي ۽ ٧ کان ١٠ لک

ھارس پاور بجلي ڪرڻ جو تخمينو ڪيو ويو.

ٻر ھن مسئلي جي تنظيم لاءِ مکيہ چيز اھا ھئي تہ ٽوري ۾ ٿورو عملو ۽ گھٽ ۾ گھٽ چوپايو مال استعمال ڪجي پر انھن جي شڪتي پوريءَ طرح ڪم ۾ لڳائجي گھٽ ۾ گھٽ ٢٠٠ ھيڪٽر زمين ھڪ ماڻھوءَ جي سنڀال ھيٺ ھجي. ۽ ھرھڪ ٽرئڪٽر سڄو وقت ڪٽب ايندو رھي.

ھي سڀ رٿون ڪانفرنس چاھي جنتا بحال ڪيون. السڪري مرڪزي زرعي ڪالي جي وزرات ڪزڪستان ۽ سائبيريا ۾ اناج پوکڻ لاءِ شاھي سرڪاري ڪيمت شروع ڪري ڇڏيا. ھنن ڪيمن جي آزمودي اتر اوڀر ميدانن وارين وڏين نين زمينن جي پوک وقت ڏاڍي مدد ڪئي.

وچم جنگ اچي وئي پر ھيءَ آباديءَ جو مسئلو وساري ڪون ڇڏيوسين.

انھن آبادين جي ٢٠ سالگرھ تي ١٩٧٤ ۾ الماٽا ۾ مون چيو، "ملڪ لاءِ جيڪي وڏا راڄنيتي ۽ اقتصادي فيصلا ڪجن ٿا انھن مان يڪدم لاڀ نظر نہ بہ اچي پر وقت گذرندي انھن جي اھميت معلوم ٿئي ٿي. ١٩٥٤ ۾ پارٽيءَ اھا تمام وقتائتي ۽ اھم پيڙراڻي ڪئي جو اتر ميدانن جي زمينن کي آباد ڪرڻ جي رٿا ٺاھيائين جا قومي آرٿڪ حالت لاءِ بلڪل ضروري ھئي ۽ ماڻھن بہ انجي اھميت سمجھي ۽ ساراھي.

۱۹۵۰ وارن ڏينهن ۾ جانـــزو ونندي معلوم ٿيو ته سراسري اُپت هڪ هيڪٽر پنيان ٽو سينٽيمر هئي.
۱۹۵۳ ۾ ۳۱۰ لک ٽـــن اناج پيدا ٿيو ته کپت تي وڃي ۳۲۰ لک ٽن. اها کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ٽڪڙا قدم کنيا ويا پارٽيءَ جهونين اراضين ۾ ٻـوڪ وڌائڻ سان گڏ نئين زمينن تي آبـــادي ڪري فصل وڌائڻ جو به آدم ڪيو.

مان هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ ٿو چاهيان ته ان وقت ملڪ ۾ نه رڳو اناج جي ضرورت هئي پر ڪنهن خاص اناج جي ضرورت هئي ۽ اها هئي ڪڻڪ جنهن جا تمام سنا اوچا فصل انهن نئين زمينن کي آباد ڪرڻ سان ملي سگهيا ٿي. اسان جي هيءَ رٿا ڪامياب ٿيڻ معنيٰ اناج جي ذخيرن ۾ هڪ زبـردست انقلابي سوڀ ملڻ هئي.

هيڏي عرصي کـــاپوءِ نتيجن تي نظرثاني ڪندي عجب پيو لڳي ته هيءَ ڳالهه جو ڪوئي ڪيئن ٿـو ورود ڪري، سگهي. پر ڪن پارٽيءَ خلاف ويندڙ شخص برابر ورود ڪيو. جن شڪ شبها اُٿاريـا تي انهن کي انگ اکر ۽ ثابتيون ڏيکاري انهن جا شڪ دور ڪري تي سگهياسين هيڏي شاهي پيمانـي جي ڪم ۾ گمان ٿيڻ ممڪن آهي ۽ ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ نندي ۾ ننڍيءَ ڳالهه جو به پورو پورو حساب رکڻ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

گمان لاءِ سبب به هئا. قدرتي لحاظ کان ڏسجي ته اسانجي زمين امريڪا وانگر يورپ لاءِ آدرشي نه آهي پر يورپ لاءِ جوکم واري زون ۾ آهي. انگريزي ڪيترن ماهرن کي به شڪ شبها هئا ته ڇهڙي سڪل نوٽ سج جي ساڙيل زمين جا ڪيتن لکين ايڪڙ آباديءَ هيٺ اچي سگهندا.

مگر انهن سڀني ڪري ئي ته هن شاهي يوجنا جي هر ننڍي ۾ ننڍيءَ ڳالهه تي بحث ڪيو ويو. انهن ڏينهن جو هڪ هڪ واقعو تو ياد اچيم. ڪي- اي وورو شلوف انهن زرعي ايراضين جو دورو ڪري موٽيو هو. ڏاڍو مايوس ۽ ملول ٿي موٽيو هو. هن يوجنا تي بحث وقت چيائين ”هن يوجنا تي ته اڻاهه ماڻهن پئسي ۽ مشينن جي ضرورت آهي ليڪن هتي سموليسنڪ ۾ ته اهڙا اهڙا حالت آهي جو هر به ماڻهو خود وڃنا ڪاهين. مگر پارٽيءَ لاءِ ٻيو ڪو رستو ئي ڪين هو. جنگ پوري ٿئي نو سال ٿيا هئا. اهي قت اڃا چڪي رهيا هئا. فاشسٽن ستر هزار ڳوٺ ساڙي ناس ڪيا هيا، اٺانوي هزار سهڪاري ۽ ارڙهن سؤ سرڪاري کيت ناس ڪيا هئا. ١٧٠ لک چوپايو مال ۽ ٧٠ لک گهوڙا ڪاهي ويا هئا. جيڪي ايراضيون دشمن نه والاريون هيون اُتي به مشينن، ٽرئڪٽرن جي ڪارخانن ۽ سهڪاري ۽ سرڪاري کيتن کي پنهنجي عملن سان جلدو ڪري

ڇڏيو ھئا ڳون. ٽريڪٽر، ڊرائيور، انجنيئر پوک جا ماھر وغيره الاھي ماڻھو جنگ ۾ مارجي ويا ھئا.

تمام گھڻي محنت بعد مس وڃي جنگ کان اڳ واري حالت تي پھتاسين پر ڳوٺن ۾ گھڻي مدد گھربل ھئي. الي جي زراعت نه اناج جي گھرج پوري ڪري ٿي سگھي، نه ڪچي مال جي.

سيپٽمبر ۱۹۵۳ ۾ سينٽرل ڪاميٽيءَ جي پلينم (ميٽنگ) ۾ ويچار ڪري، زرعي ترقي ۾ جيڪي نقص ھئا انھن کي دور ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو. مگر جيتري پولجي ھمٿ ۾ ھئي يا ٽيڪنيڪل ڄاڻو ۽ ڪامگارن جي موجودگي ھئي، ان سارو اھو ٿي بھتر سمجھو ويو ته پيداوار جا سڀ واھڻ فقط ھميشه آيرائيمنڊز فصلن وارن اراضين تي لڳايا وڃن.

ملڪ کي اناج جي تمام گھڻي گھرج ھئي ۽ ۱۹۵۴ ۾ ۱۳۰ لک ھيڪٽر زمين پوکڻ جو جيڪو تخمينو ان مان اٺ يا نو ھزار لک پوڊ سٺي اناج جا ملي سگھڻ جي اميد ھئي.

اتفاقا ڪامريڊ ووروشلو جيڪو ڄاڻو ھو ته سرڪار جيڪا يوجنا ڪڍي ٿي اھا وقتائتي آھي يا نه، انھيءَ ته ڪزڪستان جي نين زمينن کي آباد ڪرڻ جي حمايت ڪئي، باقي ٻه ڄڻن ھلي ڪٽڪ سان لھرائيندڙ ٻنين جو ديدار ڪيائين ته خوشيءَ ۾ چوڻ لڳو، "واھ!

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڇڱو ڪيوسين جو هتي آيـــاسين. ٻئلورشيا وولوگدا ۽ سمولينسڪ کي گهربل مدد هتان ملي ويندي. واهــ! هيءَ نه سچ پچ ڏاڍي سٺي امداد آهي."

مگر هي ڳالهيون ـــ سڀ پوءِ جون آهن پهرين نه ٻهٿ هليا نه لوڙهيءَ زمين تي ڪيئن پوک ڪبي. پهريـــن اسڪول، رستا، دڪان، اسپتالون ۽ ڪارخانا ٺهرائڻ پوءِ مشينون ڪٺي هلو ۽ پوک لاءِ ماڻهو وٺي هلو.

هاڻي اهڙي سوال جو جواب ڪهڙو ٿو ڏيئي سگهجي. اسانکي نه ڪٽڪ ڪيندي هئي يڪدم. سوشلسٽ جنتا هميشھ اڳي اڳي ڪم شروع ڪيو آهـــي جتي چئجي ڪٿي بلڪل سچ هئي. هيءَ به هڪ جنگ جونٽي هئي جنهن ۾ ويڙهاڪن جي سخت ضرورت هئي ۽ هزارين جوان نڪري آيا ميدان تي.

پارٽي ڪو به مکيه فيصلو، جنتا سان صلاح بنا نـــ ڪندي آهـــي. انڪري پهرين ڪرڪ، روســـي ۽ ٻين ريپبلڪن ۾ ميڙ ٿيا، جتي ڪميونسٽن ۽ ٻين ماڻهن پارٽي فيصلي جي حمايت ڪئي. سڀني ڏٺـــو نه پارٽي ڪو اڳئي گهوڙي ڪل ۾ ڪانه هڻڻ واري آهي پر سوچي سمجهي وڏي پئماني تي آرٽڪ پروگرام ٺاهي پوءِ هن ميدان ۾ پير پائڻ جو ساهس ڪيو اٿس.

خود اڪيسار ضلع پارٽي سيڪريٽري مڪارن کي به هيءَ قدم ڪڻڻ مهل گهڻو ڊپ هو. هن لکيو هو، جتي

هڪ سؤ سالن ۾ البسار جي هارين فقط هڪ لک هيڪٽر زمين تي هر ڪيڙيو ۽ ٽئين حصي تي پوک ڪئي ۽ اٺين سالن ۾ ٥ لک هيڪٽر زمين پوکڻ جو سٽاءُ ڪيو ويو هو. ملڪ ۾ مشينون نه هيون پر اهي ڪيتيءَ لاءِ هلائڻ لاءِ جاٽو ڪتي هئا. هتي نه ماڻهن ڪي اهي مشينون ڪينديون هيون جيڪي پاڻهي وچي زمين کيڙين، ٻج وجهن ۽ فصل ڪٽي روٽي پچائي هٿ تي رکي وڃن. مگر هي ڪم نه هو وڏي جوکم جو.

منهنجو دوست مڪارن سؤ سيڪڙو صحيح هو، برابر هيءُ تمام وڏو جوکم ۽ جانبازيءَ جو ڪارنامو هو.

مڪارن آخر ۾ لکيو آهي ته هيءُ ڪم شروع ڪرڻ مهل پارٽي هر خطري کي، اڳواٽ ئي ڌيان ۾ رکيو هو ۽ ماڻهن جي آتساهه وشواس اُتساهه، مشينريءَ جي ۽ ٽيڪنيڪل ڄاڻن جي مدد ۽ ماهرن، جو اڇي سر زمين تي ڪم ڪرڻ سيني چيزن گڏجي هيءُ بهادريءَ جو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو.

(٥)

جهولين ڊڪشنرين ۾ ٽوهان ورجن لئنڊ (ڪنواري يعني غيرآباد ڌرتي) لفظ ملندو پر ورجن لئنڊس يعني (ڪنواري ڌرتي آباد ڪندڙ) لفظ نه ملندو، هيءُ لفظ ١٩٥٠-١٩٥٥ جي وچ ۾ نهيو آهي جيئن ”گڏيل کيت“ لفظ. انوقت نهيو جنهن وقت سهڪاري پيين پوکڻ جو پايو پيو. ٿوري وقت ۾ ئي ورجن لئنڊ اکر جو مطلب

غيرآباد زمين ڪوا۽ رهيو. اهو هڪ سماجي لفظ بڻجي ويو الهن ڏين اڻ ڇهل زمين لي آباديءَ جي سوڀ حاصل ڪندڙن کي ”ورجن لئنڊس“ ڪري ڪوٺيو ويو. سماج ۾ هاڻي الهيءَ ناليسان ان کي سڏيو ويندو آهي جو لاڳاڪ ذميواريءَ وارو ۽ محب وطن هجي. ائين ٿيو لڳي اهو ڪو هڪ اهڙو احساس جو ورق هو جنهن ۾ الهي تقاضا موجب ڏاڍا سٺا بهادر انسان پيدا ٿيا.

هڪڙي ڏينهن ڪستنائي ياڳي جي ٻنين لي ٻهتس لوٽن ڪم ڪندڙن لاءِ آئي فقط هڪڙو گهر ئي اڃا نهي لياز ٿيو هو، ماڻهو اڃا تنبن ۽ ڪڏن ۾ ئي رهيل هئا. خبر ملي ته سني ۾ سنو ڪمرو ان جوڙي کي ڏنو ويو آهي، جيڪو بلڪل هاڻي ئي اڃي لٿو آهي جو ته هڪ ٻت کي جنم ڏنو اٿن. مون ڏٺو سيٺئي گڏجي ٻسالڪ جو جنم ماهائي رهيا هئا. ٻالڪ جو پيءُ ڏاڍو خوش ٿيو نظر آيو. چوڻ لڳو، ”ڏسو اڃا هاڻي ئي آيا آهيون ۽ توهين اسان کي هنن زمين جا جائي جم ڪان رهواسي مڃي سگهو ٿا.“

مون چيو، ”جائي جم ڪان رهواسي ته سڀئي ٻيئي لي فقط اهو آهي جيڪو چوڪر توهان کي جاڻو آهي. توهان کي ته هتي ڪيپي وڃڻ ۾ وقت لڳندو.“

الهيءَ وقت البسار الراضيءَ ۾ ٻهرين بهار هلي رهي

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

هتي جو ڊائريڪٽر چيو، ”جيڪي ڀوڪ ڪرڻ آيا آهن، اهي هتي رهي پوڻ وارا نہ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪونہ ائو. سڀ لشڪر جي جوانن وانگر تيار لڳن ۽ اڄ هتي سپاهي هتي هوندا.“

مون چيو، ”اهو تہ برابر مسئلو آهي. جوانن کي هميشہ ڪو ڪارنامو ڪري ڏيکارڻ جو شونق تہ رهي. اڄيا ڏس تہ ڪيئن لڳن ٿي رهيا پيا آهن. ڪين مشڪلاتن لي سوڀ پائڻ جي چاهنا آهي. هو شروعات ڀڃڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري گذرندا. پوءِ وري ڪڪ ٽيندا ۽ هلندا پيءَ ڪنهن ڪارگذاريءَ طرف.“

”تہ پوءِ ڪم ڪيئن هلندو؟“

”توهين سوچيو تہ ڪهڙيءَ طرح پنهنجا مورچا مضبوط پيهي سگهندا؟ مونکي تہ ٻہ طريقا سجهن ٿا. هڪ تہ کي ڇوڪريون هتي گهرائو مثلا ڳائڻيون ڏهڻ واريون، ٻنيءَ ۾ ٻج ڦهلائڻ واريون، ٽيليفون آپريٽر، ڊاڪٽرياڻيون، ماستريائيون يا رسوئي ٺاهڻ واريون .... هتي انهن لاءِ ڪافي ڪم ملي ويندو ۽ ٻنهين ۾ تہ جڏهن پوءِ ليڻن انهنجي وڏيڪ ضرورت پيئي پوندي. ڇوڪريون اچي ويئون تہ ڪيترا ئي ڪنوارا ڇوڪرا هميشہ لاءِ هتي گهر وسائي ويهي رهندا. ٻيو طريقو وري آهي ڪتب وارن ماڻهن کي هتي ڪوٺ ڪريو. مگر انهن لاءِ توهانکي اڳواٽ ئي رهڻ لائق حالتون

هئي جو ڊائريڪٽر ۽ ٻه هيڊ پوسٽ ماسٽر آهيان ......
ڇوڪرين خطن لکڻ سان حد ڪئي آهي. هزارن جي تعداد ۾ ڇوڪريون هئي، اصل هن ٻنيءَ لئي اچڻ لاءِ تيار ويٺيون آهن. ڀيرن ۽ ڀينيون آهن الئي موڪليون نه ته هي ٻني ٻنيءَ لئي ڪنوارن ڇوڪريون جو ملاڪڙو ٿي پوندي!....''

هن ڪنوارين جي ڪاهه ڇگو مٿي جسو سور پيدا ڪيو هو، پر انهن جي اچڻ سان اسانجي اکين اڳيان نئي هنن نين زمينن لئي زندگي ئي ٿي پيئي. هونءَ جا موڙهي ۽ لڙائيءَ لاءِ تيار لشڪر جي جيوت ٿي لڳي سا مٿهي بلڪل رواجي ۽ آرام واري زندگي ٿي پيئي. اڄ مان انهن نين آباد ٿيل ٻنين لئي جتي ته وينهو آهيان آئي اڪثر اهي ڪم ڪندڙ جوان ملندا آهن جن جو انهن زمينن لئي ئي جنم ٿيو اهي. هنن ڀاڳن ۾ زندگي هاڻي ڪافي پائدار آهي.

''هيرو آف سوشلسٽ ليبر'' لقب حاصل ڪيل زالسلطان ڊيمبيف اڪثر پنهنجي پٽ کي پاڻسان گڏ ٻنيءَ تي وٺي وينهو آهي. پيا ماڻهو جن ڀيرين هئي زميون کيڙيون تن جا ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن ۽ سنا هاري ٿي ڪم ڪري رهيا آهن. مان اڪثر الٽر ڪزڪستان جي ٻنيءَ تي پيو وينهو آهيان. اتان جو ڊائريڪٽر ايم- پي- لڪولينڪو هاڻي اڇي پير مرد ٿيو

ڪٽو ڪيو هو، کهڙا پروسي جوڳا هئا. هر چيز لحرڪ ۾
هئي. ملڪمان هرڪا ضروري چيز هن سرحد تي پهچي
رهي هئي جتان ڪو وڏي حملو شروع ڪرڻ وارا هجون.
جيڪو به ان وقت هنن زمين لي آيو ٿي اهو هن لئين
آسماهه ۽ اميد ۾ ڀرو وٺڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿي سگهيو.

ڪي برابر اهڙا به هئا جن کي اول پنهنجون گهرجون
پوريون ڪرڻيون هيون. هنن کي نئوليءَ طور پايو ليٽر
(پايو وجهندڙ) بدران "ماءُ - ليٽر" ڪري ڪوٺيندا هئا.
هنن مان ڪيترا ٽــورن ڏيڻ لاءِ دابو ڪري، واپس
هليا ويا. ١٩٥٤ جي ڳالهه آهي. نوبل اسٽيشن تي ٽرين
مان پٽي لٿس، نه ميڙ مان هڪ ماڻهو نڪ سامهون اچي
نڪريو. سوالن جي بــوڇاڙ لائــي ڏنائين، "هي ڪٿي
اچي ڦٿو ڪيو اٿو؟ هتي اچڻ لاءِ اسانکي ڇو ڦسلايو؟
رهڻ لاءِ گهر ڪٿي آهن؟ سٺو پگهار ڪٿي آهي؟ گــرم
ڪپڙا ڇو کولهن؟ هنن برگهولن ۾ ڪاٺ ڪتا ۽ لوڙ ليٽرا
ئي رهي سگهن ٿا...."

مون صبر سان ڪيس پڌو ۽ چيومانس، "ان لاءِ نــه
توهان کي هتي آندو ويو آهي نــه رهڻ قابل حالتون
پيدا ڪريو." پر ڇوڪر مڙي ئي نــه. پنهنجي هلڪي
ڪوٽ کي اگهيان ڪري چيائين، "مونکي هڪدم هيئنر
ئي ريل جي ڪل وارو ڪوٽ کپي."

هن قسم جي ماڻهوءَ کي ڇا ٿو سمجهائي سگهجي؟

کيس پيڪ ڏيڻي پيو، ”توکي ڇا اها اميد هئي ته هتي تولاءِ رڌو ڏيگڙو پيو ٺري؟ اهڙي هلڪي ڪوٽ ۽ ٽوپيءَ سان هتي اچڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ هن ڪم لاءِ تو جهڙن ماڻهن جي ته اصل ضرورت ڪانهي.“

ٽورو ٽڏي لهجي ۾ چيائين، ”حق طلبيندڙن کي هميشهه اهوئي جواب ملندو آهي.“

مون چيو، ”بس جوان! تنهنجي طلب حقي لڏهن جڏهن توکي هتي ڪم ڪئي کو مهنو ماس ٿيو هجي. شايد پوءِ به تنهنجون طلبون اڌوريون ئي پوريون ڪري سگهبيون. مگر سال ڪسانپوءِ توکي هرڪا طلب پوري ڪرائڻ جو حق رهندو. هن وقت توکان به اوتريون ئي طلبون ڪري سگهجن ٿيون. مثلا تون هتي ڇا لاءِ آيو آهين؟ اسان توتي ڀروسو رکي توکي هتي گهرايو؛ هاڻي تنهنجي جاءِ تي ٻئي گهرائڻ جي متاڪتي ڪرڻي پوندي جيتوڻيڪ اها بس پڪ اٿئون ته تنهنجي جاءِ تي ٻيو ملندوسهين ضرور.“

مونکي جيتري قدر يادگيري آهي اوتري قدر مان سمجهانٿو اهو ڇوڪر ”شوُيا“ ايراضيءَ جو هڪ ڪرڙيل مثال هو جو اُتان ٻيا ڏاڍا سنا ڪم ڪندڙ به آيا هئا. ترڪائي ميدان ۾ جيڪا شويا وارن کي ٻي آباديءَ لاءِ ڏني وئي، انکي سڏيندائي ”شوٺسڪي“ هئا. هيءَ ٻني اهن زمين جي هڪ عاليشان ٻني بڻجي پيئي.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

تڪليفون ڪافي هيون. انهن کي گھٽائي ۾ٽائڻ مان
ڪوئي فائدو ڪونہ ٿيڻو آهي. هڪ روشن آئيندي جي
اُميد ۾ ماڻهو جانباز قربانيون ڪيون. ڪڏهن نہ اسانوٽ
هر چيز اُصل سادي ۽ سادي ڪپڙي جي بہ ناقت اچي
پهتي، مٿي ڀڪڙ لاءِ چيت ڪانہ هئي؛ ويندي ڊبلرونيون
بہ جواب ڏئي بيٺيون. ۽ پارٽي ڪلم ڪلا سڀني کي چتائي
رهي هئي تہ لڳاتار ڪوشش سان ڏيسري ڏيري اسين
سڀني مشڪلاتن تي پسار ڪري سگھنداسين، زندگي
بهتر کان بهتر ٿيندي ويندي. سچ پچ نين نين مشڪلاتن
جي منهن ڪرڻ جي باوجود بہ زندگي سال بسال بهتر
ٿيندي وئي.

ڪجھ وقت لاءِ سوويت لوڪن اهڙيون مشڪلاتون
سٺيون جي ڪنهن ملڪ جي جنتا ڪانہ سٺيون هونديون.
مگر اسانجي زندگيءَ ڏي ڏسو، اڄ ڪهڙيون ڪهڙيون
رنڊڪون پار ڪندي اُها ڪٿي وڃي پهتي آهي. اڄ جي
جيوت ۽ گذريل جيوت ۾ ايڏو تفاوت آهي جيڏو هڪ
آڪاشي جهاز ۽ ٻڳي گاڏيءَ ۾ آهي.

هڪ ٻيو بنتي موٽي الهن تڪليفن ڏي ڏسجي
جيڪي نين زمينن تي پوک مهل درپيش آيون هيون
پلي ٿوري وقت لاءِ هيون پر انهدجي پوک فقط الهنکي
هٿي جن سڀني لاءِ جيئڻ ٿي چاهيو. پاڻ لاءِ جيئڻ
وارن هنيلن ان جو ڪو بہ مطلب ڪٿي سمجھيو. هنن

اسان کي ڪڏهن فائدي لاءِ ڪم ۾ هٿ وجهائڻ به نه ٿي چاهيو.

ليڪن جوان، جن پنهنجو ٽن مان انهن حالتن کي بدلائڻ لاءِ ارپڻ ڪيو هو. ٽن لاءِ ٿوري ماتري پيار ڏيکارڻ کين سمجهائڻ ۽ پرچائڻ ڪافي هو. جن جن جي هٿ ۾ ٻين جي واڳ سونپيل هئي، انهن سان ٻيهٺ وقت منهنجو هڪ ئي گفتو ور ور ڪري منهنجي مک مان نڪرندو هو ته ”نرمي سان سندن من جيتيو.“ هڪ اڻ آزمودگار جوان کي ٿورو سختي‌ءَ سان هلائڻ برابر ضروري آهي پر هنکي نرمي‌ءَ جو ورثاءُ مهر جو هٿ به ضرور ڏيڻ گهرجي.

١٩٥٤ جي بهار جي مند ۾ جلتيرِ سٽيشن تي هڪ ڇوڪر کي ٽنگ هٿ ۾ ڏٺم. ظاهر هو ته هو نرڻ ۾ موني وڃڻ وارو هو.

مون پڇيو ماڻس، ”گهر ته ڪوله پيو وڃين؟“

”هائو گهر تو وڃان.“

”هتي تڪليف آهي نه؟“

”هائو. مونکي پنهنجي سپاهه جي شايد پوري خبر نه هئي. مون نٿي سمجهو ته مان ڪو پنهنجي گهر کي ايترو ياد ڪندس. اتي ڪافي گرمائش آهي. پنهنجي دريءَ کان وينو آزوع سمنڊ جو نظارو ڏسندو آهيان. گلن جا بوٽا پيا جهومندا آهن. هتي ته برف جا طرفان پيا

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٻيا ٻه ڪهٽيئي ڏڪا هڻندا رهيا. مگر والنٽيئرن جي همٿ اڇي لهڻ ڪان فقط ٽي مهنا پوءِ سڄا ميدان لامحدود ڪڻڪ جي ساوي گاهه سان لهرائيندا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. ٻراج ٽي ٻوڪ جي اراضي ٻيڻي ٿي وئي. ڪل ٻه ڪروڙ هيڪٽر زمين ٻوڪ هيٺ هئي. اسانجي پلگهرن جو چيو وڃڻي ته اسين فصل پوکڻ لاءِ تيار نه هئاسين ته هي ٻنيون هنن لين زمين لي ڪنهن لڳايون ڪنهن اڇي اسانکي ٻاويهه هزار ٽرئڪٽر ڏنا ۽ ڏهه هزار نوان هر انهيءَ سال اسانکي ڏنا؟ اهي ڪير هئا جن هزارين گاڏا ڀري گهر ناهڻ لاءِ نهيل سامان، ڪاٺ، سيمينٽ، خريد فروخت جون شيون ۽ گاڏو اسانکي موڪليو؟

لڪو، هيءُ انهن غيرآباد زمين لي اسان جو شاهي حملو هو، هيءَ اينگهيل ڪاهه ڪانه هئي پر لڪڙو گهيرو هو، ويرتا جو مظاهرو هو، جنهن ۾ زمين جي غيرآبادي جو قلعو يڪدم ڪري پيو.

ڪن جو چوڻ آهي ته جي ان قلعي لي ڪاهيندڙن کي سڄي ملڪ جي پشتي هئي ته انهن ڀيرين ڏاڍو ڪندڙن کي ايڏا جوڌا جانباز ڇا لاءِ ٻيا سمجهون! مگر حقيقت اها هئي ته سچ پچ ٽي ماڻهن وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو.

ويرتا ڏيکارڻ جا سؤ نمونا آهن. ڪوئي ٻاهه ۾ وڃي ڄان جوکي ۾ وجهي ڪنهنکي ٻچائي سگهي ٿو. اها

گهڙيءَ جي بهادري ڏيکارڻ سولي آهي پر مهنن جا مهنا مُنهن ڏيئي ڪوئي هڪ هڪڙو ئي ڪم ڪندو رهڻ گهڻي بهادري ناهي. جنگ به اهڙي ئي وهنوا جو مثال آهي. منهنجي راءِ موجب هنن ليئن زمينن کي آباد ڪندڙ وير آهن. جن ڄاڻي ٻجهي سختيون سر تي هموار ڪيون ؟ زمين کي هريو ڀريو به ڪيائون ؟ رهڻ لائق به بڻايائون.

هنن زمينن جي آباديءَ جو ٢٠ سالگره ماهائڻ مهل مون هڪڙي جنگي جوڌي اوان اوليدووچ جو ذڪر ڪيو. هو لينن گراد جو باشندو هو. جنگ ۾ پنهنجو جنم آستان ٻچائيندي سخت ڦٽجي پيو. ٻئي ٽنگون وڃائي ويٺو. پر ڪزڪستان جي سڏ تي ان ڀوميءَ کي اچي پنهنجو بڻايائين. ڀوميءَ به ڪيس جيءَ ۾ جاءِ ڏني. جنگ ۾ گهٽيئي ٻلا ڪٽيا هئائين باقي هتي به اهڙو سٺو مشين هلائيندڙ ثابت ٿيو جو به ”لينن آرڊر“ ۽ هڪ ”هيرو جو گولڊ اسٽار“ حاصل ڪيائين. اهڙيءَ ڳالهه تي ماڻهن ڏاڍيون تاڙيون وڄايون. هڪڙي ٻئي تقرير ڪندڙ وري مخائيل ڪارتورو نالي جنگي جوڌي جو ذڪر ڪيو. اهيءَ به جنگ ۾ ٽنگون وڃايون هيون پر غير آباد ڪزڪستاني ميدانن کي آباد ڪندي ٽريڪٽر هلائڻ ۾ اهڙي جانفشاني ڪئي هئائين جو ڪيس ”هيرو آف سوشلسٽ ليبر“ جو خطاب مليو هو.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڇو ڪٽي اچي ها. پر افسوس اُهن ٻـوڻن کي وڌ تيل ڏسڻ جي وِٽس مهلت نه هُئي.

١٩٥٤ جو سيارو ڏاڍو سخت هو. شروع ٿيندي ئي برف ۽ طوفان ڪنيو آيو. سٽيپيز ۾ لوڻ آيلن سان ونڌل ڪري ڏنائين. مگر پوءِ به اهڙيءَ سرديءَ ۾ غير آباد زمينن لئي لوٽ ڪيل هزارين ٻنيون آباد ڪيون ويئي وئيون. ٻنا راهه ٻنا رستي طوفـــان ۽ برف جو مقابلو ڪندا هزارين ٽرئڪٽر ۽ سوين ٽرڪون هلنديون ٿي رهيون.

سٽيپيز ۾ برف جو طوفان ڪهڙي ماجرا ٿيندي آهي لپنڪن جي ”ڪئپٽن جي ڌيءَ“ ناول پڙهڻ وارن کي پورو پورو احساس ڪرائي ويو هوندو. ڪنهن مهل سارو آسمان اُفق کان شفق لـائين نيرو ٿيو لڳندو سچو روشن ٿيو لڳندو پـــر اڌ ڪلاڪ جي اندر ئي ڏسندا اهڙو سخت گجندڙ طوفان اچي رسندو جو اک نه ڏسي هٿ کي. ڪا ٿـوري غلطي ٿي وئي يـــا ڪا مشين بيهجي وئي نه بس ماڻهو اڪيلو ولهه ۾ ۽ اوندهه اندڪار ۾ اُئين گم ٿي ويندو جو ڪوئي سندس لاش بہ نہ لهي سگهندو.

مون کي ياد آهي ونسلي راگوسوف جي موت لئي ماڻهن کي ڪيڏو ڏڏڪو رسيو هو. هو بلبلگ ناهڻ جي ڪاليج مان آيل هو ڪيف سرڪاري ڪيمٽ لـئي جاڻن جوڙڻ جي ڪم ۾ اڳوان هو. ڇا نـــہ سندس سڀاءُ هو.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

هر ڪنهن کي دوست بڻائي ڇڏيو هئائين. سڀ ڏاڍي عزت ڏيندا هئس. هڪ صاف سٺي ڏينهن تي سٽيشن تان گهرڻ جوڙڻ جو سامان ڪٺائي پٺي آيو. اوچتو اچي برف جو طوفان لڳو جو سانده ڪي ڏينهن پئي هليو. سڀ ڀيهجي ويا هئا ۽ وڪٽر اڪيلو پيرين پنڌ نڪتو ته ويڃهي ۽ ڇڪ مان ڪا مدد ملي وڃي. راهه ڀلجي ويو ۽ اجل جو شڪار ٿي ويو. سندس کيسي مان هي ۽ خط نڪتو:

”ڪنهن کي به اگر هي لوٽيڪ همت لڀي ته مهرباني ڪري. پيارا دوست، هسن انڊريس تي پهچائي ڏج. سيرافيما راڳو زووا، ١٥ گونچارو گهٽي، لوو ۾ فليٽ نمبر ١

منهنجا پيارا سيرافيما! ڳوڙها ڳاڙڻ جو ضرور ڪولهي. عمر اتم ته هي ۽ سڀ سهڻ توهان لاءِ ڏايو ڏکيو آهي. پر جڏهن هي ۽ مصيبت آئي آهي ته منهنجو ڪهڙو وس هلندو. چوڌاري ميدان ئي ميدان آهي ڪاٿي ڏني ڪنڌي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. اڪ سامهون هلندو پيو وڃان هاڻي طوفان به ڪجهه ٿميو آهي پر موٽڪي ڪابه راهه رستو نظر نٿو اچي. جي مان ڪڏهن به موٽي نه سگهان ته ٻارن کي سٺا صالح پٽ ڪري وڏو ڪجو. اوهه! ڪيڏي دل آهي اچا جيئڻ تي! مگر هي ۽ پڇاڙي... تو لاءِ هزار منيون... سدائين تنهنجو وڪٽر.“

هو سمجهي ويو هو موت هاڻي سر تي سوار آهي

پوءِ به ٽي سئو ر هڙي ورتائين.

”منهنجن پٽن اليگزينڊر ۽ ولڊيمر راگوو ڏانهن....

منهنجا مٺا پيارا واووشڪا ۽ ساشوڪ! مان هنن غير آباد زمينن کي ان ڪري آباد ڪرڻ آئس جيئن منهنجا ديس واسي وڌيڪ سٺي نموني جيوت ماڻي سگهن ....... منهنجو ڪم توهين جاري رکجو... مون لاءِ زندگيءَ جو آدرش هو سٺو انسان بڻجڻ....... هڪ وڏي وڏي چمي توهان لاءِ.... منهنجا مٺا ٻارو!

توهانجو دادا“

هيءُ خط ڏسڻ ۾ بلڪل شخصي آهي. مگر اهو خط سڄي زندهه ماڻهن لاءِ هڪ آدرش بڻجي پيو. مون کي جڏهن اهي خط ڏيکاريا ويا جن کي ڳوڙهن سان ڀنل ڏنگا ڦڏا اکر لکيل هئا جي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ پڙهي سگهيس ته منهنجو من ڀرجي آيو. گلي ۾ ڳوڙهو اٽڪي پيو. مون اخبارن کي فون ڪيو ته هن خط ڇاپڻ لاءِ اگر فوليءَ کي شريمتيءَ جي موڪل حاصل ڪري سگهو ته ضرور ڏيو. جڏهن اهو خط اخبار ۾ آيو تڏهن سڄي ملڪ مان سوين هزارين خط اچي پهتا.

والينٽينا جون ٻيون نيون ٽسوليون اچي پهتيون ته اسين وٽسلي راگوو جهڙن بين بهادر شخصن جو شروع ڪيل ڪم پورو ڪنداسين.

جنهن ٽڪريءَ وٽ وٽسلي گذاري ويو هو اڄ انهيءَ

ٽڪريءَ تي ٺالو ٺي وٺليءَ جو پڌجي ويو آهي.

ڪزڪستان جو نقشو ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته ليبن پنين ٽسي رشيا جي سيني جدا جدا شهرن جا ٺالا آهن انهن شهرن جي ماڻهو اچي اهي ٻنيون آباد ڪيون هيون.... هڪ انٽر راشٽري سڪول هو جتي سيني شهرن مان آيلن پنهنجي سمجهه ۽ آزمودي سان هنن زمينن کي هريو ڀريو ڪري ڇڏيو. موٽ ۾ هنن نوآباد زمينن اسان کي جانبازن، مسلڪي مجنن ڪلاڪارن ۽ قربانيءَ جي ڪوڏين جو هڪ عاليشان مجموعو ڏنو. مگر هي پالت پانت جا لوڪ، راتو واهه ڪونه هڪ ٻئي ۾ نهڪي ويا هوندا. پارٽيءَ جيڪو ان ڏس ۾ ڪم ڪيو ان بابت ٻه لفظ چوڻ ضرور ٿو سمجهان.

پارٽيءَ هيءُ ڪم ڏاڍيءَ ڪاميابي سان پورو ڪيو. پر شروع ۾ انهن پئي لڳو جڻ ڪڏهن جنگ جوڙڻ لاءِ تياري پيا ڪريون. مولڪي ۾ هڪ هنڌان ليڪچر ڪري پئي هنڌ وڃڻ ۽ ماڻهن سان گڏجڻ مسجڻ ۾ ڏاڍي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي ٿي پئي. انهن پيو محسوس ڪندو هوس جڻ لشڪر جي پهرين صف پيئي مون کي سڏي.

ان وقت پارٽيءَ جي سياسي ڪم جو لت اهو هو ته هنن جدا جدا هنڌن تان آيل ماڻهن کي هڪ ئي قسم جو آدرش ۽ ڇٽو پروگرام ڏجي.

ملڪي ياد آهي، موٽر ۾ يا پيدل، ٻاهرا ڪندي يا ٻـــاهه جي چوڌاري ويهي ڪئمپ لڳائيندي، پارٽي سيڪريٽرين کي هڪ ئي ڳالهه وري وري پيو چوندو هوس "ڪميونسٽن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جيئن واقفيت وڌائين، حالتن جو جائزو وٺن، پوءِ ٻنهنجو پاڻ ڪم جي اڳواڻي ڪرڻ لڳندا."

ڪي چوندا هئا، "ماڻهو پيا شڪايتون ڪن ته هي ڪونهي، هـو ڪونهي، اسان کي اهو ٻڌڻ ڏاڍو خراب ٿو لـڳي."

مان چوندو هوس، "فڪر نه ڪريو. ماڻ مان ۾ ته ڪجهه ورڻو سرڻو ڪونهي. بهتر ته پنهنجين تڪليفن تي بحث ڪن، ته ڪو ڪو تدارڪ ۾ ڳولي وٺندا."

اها سڄي بهار جي مند آن شاهي مشين کي حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ منهنجي ساري شڪتي لڳل هئي هڪ گهڙي ۾ فرصت جي ڪانه هئي.

۽ پوءِ اچي پهتو اُنهن نين زمينن جي آباديءَ مان اناج جو الاهي فصل، جنهن لاءِ اکيون آليون هيون.

( ٦ )

هنن نين زمينن جي آبادي لاءِ گڏاريل ١٩٥٤ع جي سرءُ جا ڏينهن وسرڻ جا ناهن. ڪوڪچيتاف جي سرڪاري کيتن جي ميٽنگن ۾ ملڪي "آڪمولنڪا" ٻنيءَ جي ڪٽڪ جو هڪ سنگ پيمت ڪيائون. اُهو

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

هئي.

۽ اڄ انهن ڪميون وارن سٽيپز ميدانن ۾ ڪڻڪ جو ساگر لهرائي اٿيو هو. جهونو سڪل گاهه سان لهرائيندڙ ميدان ملڪ جو وڏي ۾ وڏو ساوڪ وارو پيدا ر هو. هيءُ هو انهن لئي ڪيل هڪڙي سال جي محنت جو ڦل!

ڪڻڪ جو برابر سمنڊ نهي بيوهو، هوا اُن لئي لهرائيندي ٿي لنگهي، سج ٽڪندو ٿي ويو. هرڪو ڏاڍو خوش هو. مگر ايڏو اناج ڪٽي صاف ڪري ملڪ ۾ پهچائڻ ۾ اڃا ڇا نہ محنت گهربل هئي؟

اڄ ڪزڪستان جي ليننبنين ۾ اُن ڪنو ڪرڻ لاءِ وڏا شيڊ ٺهيل آهن پر ان وقت ٽيهه لک ٽن اناج جو ٺصل رکڻ بہ مسئلو ٿي پيو. گهربل، رستا، ريلون، ٽرڪون، اسٽيشنون نہ هيون. ان وقت جو هڪ واقعو بيان ڪرڻ لائق آهي. هڪ ڏينهن مان سيلينوگراد پارٽي ڪاميٽيءَ جي پهرئين سيڪريٽريءَ اين آءِ زورن سان گڏ البسار جي هوائي اڏي تي اچي لٿس. ماڻهن ٻڌو، "ڏسو وڃي نہ ٻنين تي فصل ڪيترو نہ پلو ٿيو آهي. مگر اناج ڊيپوءَ ڏي نہ وڃجو ڇو نہ اتي اناج ايترو اچي ڪٺو ٿيو آهي جو رکڻ جي جاءِ ٿي ڪانهي ۽ جيڪي ٽرڪون پيري اناج کڻي اچي بيٺا آهن اهي ڏاڍو بگڙيل آهن."

اسين ڪولوني اسٽيشن تان پٺي آياسين، ڊيپوءَ لي وڃي ڏٺوسين ته ڪڻڪ سان ڀريل ٽرڪن جي پري تائين لائين لڳي پيئي هئي. اسين جو وڃي اناج جي ڍيرن وٽ پهتاسين ته ٽرڪن جا ڊرائيور اسانکي گهيري ويا، واڪو واڪا لڳي ويئي. ٻهرين کين غصو چندڙ ڏٺم؛ پوءِ ڪلي چيومان، ”هيءَ آهي توهانجي مهمانوازي؟“ هاڻي هنن مونکي صبر سان ٻڌو. مون کين مدد ڪرڻ جو انجام ڪيو.

چوڌاري نظر ڦيرائم ته مونکي ريلوي لائين ۽ ڊيپوءَ جي وچ ۾ زمين جو هڪ وڏو شاهي رستو ڪن ڪچري سان ڀريل ڏسڻ ۾ آيو. ريلوي چيف بلڊنگ پرميئنو سان ويهي صلاح ڪيم. ان جي صلاح بموجب ان زمين جي شاهي ٽڪر تان ڪچرو ڪڍائي، ان کي چڱيءَ طرح صاف ڪرائي، مٿس ڪڻڪ لهرائڻ شروع ڪيم. هن ڪم کي پورا ڏهه ڏينهن لڳي ويا. زورن حساب ڪري ٻڌايو ته هتي آسپاس جي زمين تان اٽڪل ٽيهه هزار بورا اناج اچي ڪنو ٿيندو.

ڊيپوءَ جي هيڊ اوان پاولنڪو چيو، ”هيڏو اناج هتي اچي ڪنو ٿئي، مٿان جي پوي برسات ته اناج جي ڪنې ٿيڻ لاءِ مان ٿي ڏوهي ٺهرايو ويندس.“

ڳالهه برابر هئي مون چيو، ”وهو ته ويهي مسئلي جو ڪو حل ڳولهيون. ڏسو جي اناج ٻنين تي چڙي ڏيو

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آئي ڊ پارٽي ڪاميٽيءَ ۽ ريلوي جي ماڻهن لاءِ بہ اهڙو ئي احساس ٿيو.

١٩٥٤ ۾ ڪزڪستان ڪل ٢٥٠٠ لک پوڊ ڪڻڪ جا پيدا ڪيا، جي اڳئين ڪهڙي بہ سني فصل کان ١٤٠٠ لک پوڊ وڌيڪ هئا. اسان سيني ورجن لئنڊس لاءِ هيءَ هڪ فخر لائق ڪاميابي هئي.

(٧)

١٩٥٤ جي سرءُ ۾ ڊ ذميواريون اجا بہ وڌي ويئون جو اڳين ٩٠ سرڪاري ٻنين کانسواءِ ٢٥٠ ٻيون وڌيڪ ٻنيون بہ پوک هيٺ آڻيون هيون. ڪزڪستان جي زرعي پيدائش جو ڍانچو ۽ بنيادي رخ هاڻي مڪمل روپ وٺڻ لڳا هئا. هيءَ ڳالهہ فقط ٢٥ ورهيہ اڳ جي آهي.

ان وقت هي پروگرام ناهيو ويو:

سڄي ڪزڪستان ۾ اڳي کان ڏهوڻي پوک ڪري انکي سڄي ملڪ لاءِ اناج جو پيدوار ٻڻائڻ.

پوک وگيانڪ طريقي ڪرڻ.

ڳوٺن ۾ گهٽو ان آپائينڊز سرڪاري کيمت، عام جيوت جي سهنجن سميت ڪٽا ڪرڻ.

هر نئين آباد ٿيندڙ اسراضيءَ کي، رستن، ريلن ۽ ٽيليفون رستي ملڪ سان ڳنڍڻ.

ڪزڪستان کي اسريل آرٿڪ يونٽ بنائڻ.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جانورن لاءِ چاري جي پوک وڌائڻ.
ڏکڻ ۾ زمين کي چانورن، ڪپھ، ڀاڄين ۽ ميوي جي پوک لائق بڻائڻ.

ھي پروگرام ڪو نئيو ڪين ھو. وڏي ڳالھ ته سڄي زمين تي سڀ ڪم ھڪ ئي وقت شروع ڪرڻا ھئا ۽ مشڪلات جو پورو پورو اندازو رکيو ھو. ڪڏھن ڪي ڪامريڊ مونکي ور ور ساڳي ڳالھ تي زور ڏيڻ تي ٽوڪيندا ھئا. مثال طور ڪزڪستان ۾ مڪائي جي پوک لاءِ مونکي وري چوڻو ٿي پيو. مڪائي ڪامريڊن کي سمجھ ۾ ئي نه پئي آيو ته ڪڻڪ پوکڻ لائق زمين تي مڪائي ڇو پوکجي. مونکي ھنجي فائدن جي يوڪرين ۽ مولداويا ۾ مڪائي پوکائڻ مھل پيش پئي ھئي. ھن فصل اسرائيندي ڪيترا پيرا مرڪزي ڪاميٽي جي اڳيان وچي پيرائتي ڳالھ رکڻي ٿي پئي.

حقيقت ۾ روز بروز ھڪڙا مسئلا ختم ٿيندا ٿي رھيا ته ٻيا اٿندا ٿي رھيا. پر ڪن ڪامريڊن ٻھرين فصل لھڻ سان ٿي سمجھو ته سڌن ڪم پورو ٿيو ۽ ھاڻي ڪين آلتي ملڻ ڪپي. ڪن ته بس ٽپڙ ٻڌڻ شروع ڪري ڇڏيا. مان ٿو چوان ته ھو وڏيڪ وڏن عھدن جا لائق نه ھئا ھنن ٻھرين فصل تيار ڪيو ھا تمام وڏي ذميواري نباھيائون. اڳتي ھلي انھن مان ڪي وڏا مئنيجر به ٿيا پر اھو وقت نه ھو ڪنھن کي به اتان ھٽائي وڃڻ جو.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

وڌيڪ خيال رکيو. ساڳئي وقت چن ڊائريڪٽرن کي هدايت ڪئي ته هو زمينن جي آباديءَ جو ڪم تمام جلد شروع ڪن. انهن کي فارغ ڪري سندن جڳهين تي ٻيا رکيا ويا پر اهڙا ڏهه قصا مس ٿيا هوندا.

فصل سٺا ٿيا ته ملڪ جو سڄو ڌيان اسان جي ڪڻڪ ميدان جي ٻنين تي هو. ڏاڍيون ساراهون ٿيڻ لڳيون، واڌايون ملڻ لڳيون. اخبارن اسان جي سوٽ تي گهڻو ڪجهه لکيو. مگر اسان کي آرام ڪرڻ جي فرصت ڪانه هئي ڇو ته اناج رکڻ جا گدام ناهڻ، ماڻهن کي ڪٽڻ ۽ لٻڻ مان ڪڍي گهرن ۾ رهائڻ.... اهي سڀ مسئلا تڪڙ ڌيان ڏيڻ جي تقاضا ڪري رهيا هئا.

اڳ نهيل گهر ۽ ٻيو سامان ڀڄي رهيو هو پر اسان جي گهرج تمام وڏي هئي. ڪڏهن اڏاوت جو ڪم ڏسڻ وٽس ۽ پڇيم ڪم ڪيئن پيو هلي.

جيئون، بلڪل خراب ڇو ته سرون ڪونهن.

ان ڪري ته ترڪستان پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ اڏاوت جي ڪم تي گهڻو زور ڏنو. اڄ به هن باري ۾ الاهي سوال ڳائيان ۾ ڳابتي ملندي الوقت (ڪل ٿيهه ڪن ٺنڊي پٽماني گهر اڏيندڙ سنستاڻون ۽ هيون. وٽن ٥٩ ڪانڪريٽ مڪسر، ٦ وڏا ڪريتن ۽ ٥٧٠٠ اڏاولي ڪم ڪندڙ هئا. ٺيون تقاضائن پوراب ڪرڻ لاءِ انهن جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهوڻ انداز ٿيڻ کپندو هئا.

وڏو مسئلو هو سرو ن. اسانجي رپبلڪ کي آرمينيا، جارجيا، ايسٽونيا ۽ ٻين ڪجهه ترن هنڌان سرون اچڻ لڳيون. ٿوري ۾ مسئلا ڪڙا ٿيا ٿي ۽ انهنڪي ڪاميابيءَ سان نپٽائي ٻه وڃاسين ٿي.

(٨)

١٩٥٤ ۾ ڪرغستان رپبلڪ ليکڪ ڪانفرنس هڪ وڏي اهم ڪلچرل ڳالهه هئي. مولڪي ٻه هن قومي ڪلچر جي سڏ ۾ هميشه جيان شامل ٿيڻو پيو.

آلما آتا ۾ پهچندئي ڪرغ ليکڪن سان لهه وچڙ ۾ آيس. اڪثر انهنجا ناٽڪ ڏسندو رهندو هوس. ڪرغ شاعر اَبائي جي شاعري نه هونءَ ٻه مولڪي ڏاڍي لڳه واري، ڳوناٽي سياٽپ ۽ زندگيءَ جي گهوڙهي ايياس واري لڳندي هئي. اَبائيءَ ڪرغ لرکن کي سنديش ڏنو هو نه ”پاڻهه ٻورا نه ٿيو، ٻهجي نه وڃو، پاڻ رشين ۽ ٻين ماڻهن جي لهه وچڙ ۾ اچو“ جيڪو اڄ ٻه اهم آهي.

لين زمينن جي آبادي لاءِ آيل ماڻهن جي ڪري ڪرغستان ۾ گهڻت سو ٻوليون هلن ٿيون. ڪرغ ڪلچر ٻين سڀني جي ڪلچر مان گهڻو ڪجهه جهٽيو آهي. ڪوئي پڇندو اهو ڇگو آهي ڪين مدو؟ اسانجو ڪميونسٽ جواب آهي نه اهو ڇگو آهي ۽ تمام ڇگو. قومي رهتين رواجن جو شاهي سوال فقط ڪن قومي لشالين لي ڪرنه اچي ڇيهه ڪندو.

مرڪزي ڪاميٽيءَ ۾ اسين سدائين ڪلاڪارن ۽ ليکڪن کي مدد ڏيڻ لاءِ تيار هئاسين. نين زمينن جي پوکڻ ۾ ڪمڏيون ۽ اڪايون درپيش هيون ته به هيءُ لئي وقت هو جڏهن ڪڙڪ گيت ۽ ناچ ڏاڍي ترقي ڪئي. ڪڙڪ ساهت ۽ ڪلا جو ماسڪو ۾ ۱۰ ڏينهن لاءِ رکيو ويو.

ڪڙڪ ساهت ۾ ان وقت ڪيترو قيرو خود بخود ابندو تي ويو جو ته سماجوادي لئين سماج جي اڏاوت سان گڏ ڪڙڪ جوان وڏوان بہ وڌي رهيا هئا. انهن کي ڪلا جي ڏات هئي. هو نه فقط جهونن گيتن کان رلتين رسمن کان واقف هئا پر ڪين سوويت ۽ دنيا جي ساهت جي چڱي ڄاڻ هئي.

ڪي ڏکيه بنهنجي اختلاف رکندڙن سان اهڙو ورتاءُ ڪڪن جو مختار ابوزوف جهڙي اديب ۽ ڪئمبش ستپاليفت جهڙي وڏوان کي رپبلڪ ڇڏي وڃڻو پيو هو. پر اسان انهن کي واپس آلما آتا ۾ ڪرنيو. بنهي ڪڙڪ ساهتين ۾ زبردست نالو ڪڍيو. هنن ماڻهن سان گڏجي مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي.

وڏي ڳالهه جا منهنجي دل لئي ڏڙهي ويئي هئي سا هئي انهن ليکڪن کي غيرآباد زمينن جي پوکڻ طرف ڪين متوجه ڪجي. مرڪزي ڪاميٽيءَ ۾ ليکڪن جي گڏجاڻيءَ وقت مون چيو، "الاهي ماڻهو ڪم کي

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

لڳي ويا آهن. نوان ڪتب پيدا ٿي رهيا آهن. ترڪستان ۾ روسي جو هميشهه ذڪار پڻ محسوس ٿيو آهي. وينديءَ ڪن ملن له پراڻي زماني ۾ ڇوٽي ٿاهي ڇڏي هئي ته ”قرآن پاڪ ئي هڪ پوتر پستڪ آهي ۽ ڪنهن ڪي روسيءَ جي ڳراهيءَ لاءِ اگر قرآن ڪي ۽ لغاڙٽو پولدو ته هو ڪولد ڊڄندو.“ مگر هاڻ هن ٻاڳي ۾ روسيءَ جو قحط ته رهندو. سڄو جيوت جو ٻاڻڇو ئي بدلجي رهيو آهي. ماڻهن جي بدليءَ ۾ ئي ڦيرو اچي رهيو آهي. اهڙي وقت هڪ ڪلاڪار جي جذبات ۾ ولولو نه پولدو؟ ڪهڙا لسانڪي واقعا ٿي رهيا آهن ۽ ڪيترو ڪجهه ڪافي عاليشان ٿي رهيو آهي. مگر هي سڀ جيڪڏهن فيمستائيءَ سان اِلهاس ۾ رڪارڊ نه ڪيو ويندو ته ڪو ۾ اسانڪي لڪي هاڻي سمجهي سگهندو لڪي آئيندي ۾ سمجهي سگهندو.

الڪري ڪرڪ ليکڪ ڪانگريس ۾ اسان ميخائيل شولوخوف، ليولد ليونوف، ڪامل ياسشين، ميرزو ترسون زادي، مڪسم ٽنڪ ۽ ٻين مشهور ليکڪن کي گهرايو. انڪاپوءِ لــ ڪلاڪار، انڪن اڪثر هدن نين پوکن لي ايندا رهندا هئا. هدن ڪيترا ليک ۽ آڪاٽيون اخبارن ۾ وڌيون. هدن زميدن لي پوک لاءِ ڪيڏي جنگ جوٽي پيئي ان وشيہ لي ڪي فلمون ٺهيون، ڪي ناٽڪ ڪيليا ويا ۽ نوان گيت ٺاهيا ويا.

منهنجو سپنو هو ته هڪ ڏينهن هنن زمين کي پوکڻ
ڪرڻ جي جدوجهد ڪري "ڪئائيٽ فلوز ڊان" جهڙي
گهرو جنگ لئي لکيل ڪتاب والگر ڊيا "ورجن سائل
اپٽرنڊ" واري سهڪاري پوک والگر هڪ وڏي ڪتاب
جي صورت ۾ درج ٿيل ڏسان آخر هڪ ليکڪ لاءِ هنن
ڪنواري ڌرتي کي آبـــاد ڪندڙ ماڻهن جي هيڏي
ڪارنامي ڪري ڏيکارڻ ڪان وڌيڪ جذبي ٻيري ڪهڙي
چيز ٿي ٿي سگهي!

( ٩ )

١٩٥٥ع جو سال هنن لين زمين لاءِ هڪ نااميديءَ
جو سال هو جو سڄو اونهارو برسات جو هڪ ڦـــڙو به
نه پيو.

بهار جي منڊ ۾ هتي ايترو نه پاڻي هوندو آهي جو
ماڻهن کي ٻيڙن ۾ چـــڙهڻو پوندو آهي. پـــر پوءِ؟ سج
آسمان ۾ چڙهندو ويندو آهي زمين کي لتل ڪرڻا اڇليندو،
زمين ڦٽي ڦاڪون ٿي وڃي ۾ هيءَ پنهنجو سوڪ جو
ڪم سارو ڏينهن چالو رکندو آخر وڃي واڳڙائي شفق ۾
آرام ڪندو. پر صبح ٿيندي ئي وري پنهنجا لتل ڪرڻا
زمين کي ڪيرائڻ جو ڪم شـــروع ڪندو. هر چيز مان
زنـدگيءَ جي حرارت سـڪائيندو ويندو. هيءَ روبڪار
هفتن جا هفتا مهنن جا مهنا هلندي رهي.

ان وچـــ۾ اسان هڪ ڪروڙ هيڪٽر زمين ۾ ٻج

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

وجهي تيار ڪيوسين. ٻهار ٿانئين رستا ڪان ۽ پندرهن لک هيڪٽر وڌيڪ زمين جا ٽڪڙو ٽڪڙو تيار ڪري ورتا هئاسين. مگر خبر ڪانه هئي ته ڪهڙي مصيبت نازل ٿيڻ لاءِ ترسي ويٺي آهي.

اسان کي هن زمين جي فصل جو تخمينو ڪرڻ وقت اها خبر هئي ته هتي ڏهن سالن ۾ هڪ ڀيرو ضرور سوڪ پوندي آهي. پر اهو ئي اندازو ڪيل هو ته پهرين پنجن سالن ۾ ٻه سال سوڪ رهي ته به اپت گهٽ ۾ گهٽ ۾ پنج ڪروڙ پوڊ ڪڻڪ جا سراسري سال ۾ اچي پهچندي. ليڪن خبر هجڻ هڪ ڳالهه آهي اکين سان اها سوڪ واري حالت ڏسڻ ٻي ڳالهه آهي جنهن ۾ هٿن سان پوکيل ملهائتو فصل ناس ٿيندو ڏسڻو پوندو آهي.

اهڙي وقت ماڻهو ڪيئن نه مينهن لاءِ اکيون پائي ويهندا آهن. درياءَ جي شيشن تي هلڪا ڪڪر ٿيا ناهن بس ماڻهو سڀ ٻاهر اچي واڪا ڪندا "مينهن" اچي ويو. مگر خبر ڪانه پوي جو ڏسڻ ۾ اچي ته اهي هلڪا ڪڪر مينهن جا نه پر مٽيءَ جا هئا جيڪا سخت تيزيءَ واري هوا لڳڻ سان سڪل زمين تان اڏامي هئي.

ان وقت سٽيپيز ۾ ساهه کڻڻ به مشڪل ٿي پوندو آهي. ڪوسي هوا ڦڦڙن کي ڏوڙيون ٻنائي وجهندي آهي. سخت تڏ جي وقت وانگر پکي به ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن،

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڀوڪ پنهنجا پٽا ڇهاري ڇڏيندي آهي ۽ مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن، ڪڻڪ جا شاهي ڏيگهه ويندا آهن ڪائين رنگ ڏي مائل ٿيندا. نيٺ سفيد ڦٽجي ويندا آهن ۽ ڏيري ڏيري سنگ سڀا خالي ٿي ڪرڪڻ لڳندا آهن. داڻن کي پچڻ جي مهلت نه ملندي آهي. انهن سڀني ڳالهين جي مٿان وري اڇن لڪون، جن ۾ مٽيءَ جا ڪڪر اچي ٽيليفون تارن کي پڇي ڇتين کي اڏائي وڃن.

هنن حالتن ۾ سڄي سال جي محنت کي برباد ٿيندو ڏسي هارين جي دلين تي ڇا گذرندو هوندو! پلي ٻئي سال سٺي فصل تيار ٿيڻ جي ڪنهن کي لک اميدون هجن، پر هرڪو پنهنجي پوک جو ڦل اڄ جو اڄ ئي ڏسڻ چاهيندو آهي.

مرڪزي ڪاميٽيءَ ۾ اسان وٽ هزارين خط اچي پهتا ته ”هاڻي“ ڇا ڪرڻ گهرجي. اسان پارٽي ميٽنگون رکي ماڻهن کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ماڻهو همت ٻڌي چوپائي مال لاءِ چارو ڪٺو ڪندا رهيا. اڏاوتي ڪم لئي هاڻي وڏيڪ ڌيان ڏنا. ڪيترن ملڪ مان اناج ۽ ٻين شين موڪلڻ جي هر ڪا ڪوشش جاري رهي جيئن سيارو ڪڏي وڃن ڪين ڪا به تڪليف نه ٿئي.

سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جي پشتي جئن جو لڏڻ قائم ھئي. انھي سيڪريٽرين ۽ پولٽ بيورو جي ميمبرن ان وقت نين زمينن جي پوک لاء ساراھ جوڳو ڪم ڪيو.

انھين آھي نہ ڪٿي ڪٿي چڱو فصل ٿيو. ڪزڪستان جي نين آباد ڪيل زمينن ۾ ان سال ٨٠ سيڪڙو اناج جو فصل لٿو. پر سراسري طور فصل جي ناڪامي، ناڪامي ئي چئجي.

١٩٥٥ جي پهاڙي ۾ ماسڪو ۾ مرڪزي سرڪار ۽ پارٽي ڪميٽي ڪندڙن جي ھڪ ميٽنگ ۾ مون چيو "ايندي سال ڪزڪستان گھٽ ۾ گھٽ ڇھ ڪروڙ پوڊ ڪڻڪ جا پيدا ڪندو." ڏٺم نہ ڪيترن کي انھيءَ ڳالھ لي وشواس نہ آيو ۽ ھال ۾ پڙ پڙ ٿيڻ لڳي. ليڪن وقت ڏيکاريو آھي اڄ انھن زمينن مان گھٽ ۾ گھٽ ڏھ ڪروڙ پوڊ ڪڻڪ جا ساليانو ملن ٿا.

١٩٥٥ع جي قدرتي ڪوپ سبب فصل جي ناڪامي جي احساس دل کي گھڻو ڏکويو. مگر ھن ان لاء سچ پچ نہ اسين جوابدار ڪو نہ ھئاسين. ان وقت پين کي ڌيرج ڏيڻ ۽ ھمدردي جتائڻ کان سواء ڪري ڇا ٿي سگھياسين. اھو زمانو وسرڻ جو ناھي.

ان مصيبت واري سال ۾ پين کي نين زمينن جي پوک جي سوڀ جو وشواس ڏيارڻ ڏاڍو ڏکيو ھو. مون کي ياد آھي نہ اين. ايس ڪروشچيو جي ھڪ

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

وڏيءَ ڪانفرنس ۾ جڏهن مون اُتي چيو، ”هي زمينون آئينديءَ ۾ سنو فصل ڏينديون.“ ته هن مونکي اڌ ۾ ڪٽي چيو ”انجامن جي ڪڙي ماڻهن ڪوڙ ڀڃائي سگهيون آهن.“

مگر ڪيس هيءُ جواب ڏيڻ لاءِ مونکي ڪوبه سبب ڪونه هو ته ”ڇا به ٿئي، اسانکي وشواس آهي ته جلدي ۽ بلڪل جلدي نين زمينن تي اناج جو تمام سنو فصل ملي سگهندو.“

اينڊرو بهار جي منڊ لاءِ اسين وري ڪم تي لڳي وياسين. ٢٧٠ لک هيڪٽر زمين کي هر ڏيئي کيڙي تيار ڪيوسين. وري هڪ ڀيرو مون سيٽي سان ملڻ شروع ڪيو. سيٽي هنن وچين جاچ پڙتال رکڻ لڳس جيئن سڄي تياري وقت سر پوري ٿيل هجي.

(١٠)

اناج گوشت ۽ ڀاڄين جي واڌاري لاءِ ۽ پوک جي سڌاري لاءِ، جيڪو پنجساله پنجڙ ڪم آڻيون ٿا اهو سڀ ان زماني ۾ سوچي ۾ به نه سوچي سگهياسين، ڇو ته اڄ هيءَ اپراضي اسان لاءِ جنگي فوج جي پهرين قطار وانگر آهي.

ليڪن قومي آرٿڪ حالت ۾ هرڪا چيز پهرين قطار ۾ شمار ڪرڻ کپي. پر ڪي ڪامريڊ اها ڳالهه نٿا سمجهن ۽ الڪري خسيس خسيس ڳالهين تي ڌيان نه ڏيئي

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڪروڙين، اربين روبل فضول ۾ خرچي وجهندا آهن حقيقت ۾ اسانوٽ جيڪا ٻه چيز آهي انجو عقل سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

جهونا دستاويز اُٿلائيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪن وقتن تي تمام ننڍيون ڳالهيون بلڪل اهم هجن ٿيون. ان وقت سٽينياڪ سرڪاري ٻنيءَ جي دوري مونکي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو. ١٩٥٤ع جي اونهاري جا ڏينهن هئا. مون کي ڏسون ماڻهو ڏسي شڪايت ڪندڙن جو ميڙاڪو ڪٺو ٿي ويو. هڪڙي زال اچي سگهن تي ڪڏيم "عيوضي ڪامريڊ! خبر ڪانهيم ته ڪير آهين، پر اسان مدد ڪر. نه بجلي، نه ڪاٺيون، نه گاسليٽ، ڇا ٿي رڌجي؟ ۽ رڌڻ لاءِ ٻه ڪجهه ڪونهي......"

ٻي زال، ٻار کي هنج ۾ کڻي پڇڻ لڳي، "ڪامريڊ برزنيف! ٻارن لاءِ کير ڪونهي، توکي ٻه ٻار هوندا ٻڌاءِ ڇا ڪريون."

مون زالن کي انجام ڏنو ته هاڻ جاچ ڪندس. پر مونکي کير جي لافت تي عجب پئي لڳو ڇو ته انسان هر سرڪاري ٻنيءَ لاءِ ڳانئيون موڪليون هيون سو جڏهن ان ٻنيءَ جو چڪر لڳائڻ لڳس ته شڪايت ڪندڙن جو ميڙاڪو مونکي گهليندو هڪ ننڍي هوٽل ۾ وٺي هليو. مون پڇيو، "توهان جي ٻنيءَ کي گهڻيون ڳانئيون مليون هيون؟"

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

"انڪل پنجاهہ"

"پوءِ تہ توهانکي ڪافي کير ملڻ کپي؟"

"اُميد رکي سگهجي ٿي. ڳانيون سامهون جهنگ ۾ پيئون چرن."

هيلتائين کي وچي ٻنيءَ جي ڊائريڪٽر ڪووٽليڪو کي هٿ ڪري آيا. هو ٽڪڙو لڪڙو اچي شڪايت ڪرڻ لڳو، "ڪامريڊ! ذاتي مصيبت آهي! هنن زالن مان ڪير بہ ڳانين کي ڏهڻ لاءِ تيار ناهي."

مون چيو، "هو جنهن مهل چرڻ پيئون ان مهل ڪير ڏهندو نہ آهي ڇا؟"

"اهائي تہ مصيبت آهي!"

"توکي اهو فڪر ڪرڻ تہ ٿئي تہ ٻار ڪيئن کير کانسواءِ هلندا ۽ ڳانين جو بہ کير ڏهڻ بنا ڪهڙو حال ٿيندو هوندو!"

"فڪر تہ ڇهين؟ اڙي مان تہ بلڪل هراس ۾ آهيان الاجي مون کي ڪهڙي ٽڪنڪي تي چاڙهيندا! خير مان سڀ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس........ مون هڪ خط ٻوڪرين ۾ لکيو آهي تہ ڏنارن جون ڇوڪريون اچي اسان کي مدد ڪن."

صاف ظاهر هو تہ هي ماڻهو ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ وارن مان هو. مون زالن طرف منهن ڪري چيو، "توهين ڇو ڪين ٿيون مدد ڪريو."

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

رڙ ڪري چيائون، ”اسانکي ٻارن ۽ ڪتب جي جا سنڀال ڪرڻي آهي.“

مون چيو، ”سمجهو اسين هي ڳاليون لوهان کي وراهي ٿا ڏيون پوءِ تہ ڪير ڏهي سگهنديون؟“

”پوءِ تہ ضرور ڏهنداسين. ڪير ڏهي ڪڻي چراگاهہ ڏي روانو ڪنداسين. انهن تہ اسانجا گهوڙا بہ ڪير ڏسي سگهندا.“

مون چيو، ”چڱو ڀائي ڪووٽلينڪو! هاڻي هنن ڳالهين کي هنن ڪم ڪندڙن ۾ وراهي ڇڏ. جڏهن تنهنجون ڏنار ڇوڪريون پهچن اڏهن ڏسج في الحال هي ڳالهون پنهنجي ٻارن لئي ڪير لئہ پياريندي. هڪڙي لنڊڙي ڳالهہ بہ سوچي تہ سگهندين؟“

”تہ مونکي تہ اهو خيال ڪونہ آيو. پر خير، مان سڀڪجهہ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“

ڪيس وٽي مان آڏاوت جو ڪم ڏسڻ ويس. ٻيا ٻيڙهہ جاءِ ڪٿندي ڏسي ڏاڍو غصو ڪيومانس پر وري اهو ئي راڳ ”مان سڀ ڪجهہ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“ چيومانس، مان وري موٽندس ۽ هر ڪا چيز اچي جاچيندس. ليڪن وري جڏهن جاچ ڪرڻ آيس تہ ساڳي حالت ڏسي دنگ رهجي ويس. اڳئين سال جي دٻ سبب پسارڪو سامان دڪان لئي وڌايو هئائين، باقي ٻيو ڪو بہ سدارو ڪونہ ڪيو هئائين ويندي ڀاڻيءَ جي بہ نافت لڳي پيئي هئي. اڳئين سال ڪيس چئي ويو

هوس ته پاڻيءَ جي ٽڪنڊ پرائي گهرن ۾ پاڻي پهچائڻ
کپي پر وري به سندس اهائي رٽ پئي. ”مان سڀڪجهه
ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“

هن طرح جي الهرطائي نوآبادين لاءِ اتفاق سان
ڏسڻ ۾ ايندي هئي پر جيڪي شخص ان طرح جي
لاپرواهي ڏيکاريندا هئا تن کي موقوف ڪيو ويندو هو.

ڪوڪينجوپائي ايراضيءَ ۾ ڪمسومينس
سهڪاري کيت لاءِ هڪڙي ٽڪلائيءَ جي ٽولي اهڙي
سٺي ڊبلروٽي ٺاهيندي هئي جنهنجي سڳنڌ ميل کن
پري کان پهچي ايندي هئي. اهڙي سٺي ڊبلروٽي مون
بيو ڪٿي ڪانه کاڌي هوندي. مان هنن کان پنج، ڇهه
ڊبلروٽيون وٺي اچي آلماآٽا ۾ شهر جي بيڪري واري
کي ڏيون، جيئن هو به ڏسي سگهي ته ڪيئن ٺيون
اهڙيون ڊبلروٽيون ٿين.

نوآبادين جي دوري تي اگر ڪوئي ڪوهه سٺي
نموني کي نه ڏسندو آهيان يا ڪو پوئتو بلڪل سنڀال
سان پوکيل ڏسندو آهيان ته ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي.
ماڻهن جي آڳنڌ ۾ پوکيل وڻ ڏسي ڪيتري دل کي بهاري
ايندي آهي اوترو وري انهن ماڻهن تان عجب لڳندو
جيڪي پنهنجي گهر آڳڻ ۽ نوآباديءَ جي سونهن صفائي
طرف بلڪل بيپرواهه هوندا آهن.

هاڻي جڏهن نين زمين تي اچي، هنن نوآبادين

جو ديدار ڪندو آهيان، جنجي چوگرد ساوڪ آهي، جهومندڙ وڻن جا ڇانئو وارا پارڪ آهن، صوفن سان ڀرپور وڻڪار آهي، الاهي تلاءُ ۽ حوض آهن. تڏهن اهڙي وقت اومسڪ جي گوبر جي ڳالهه ياد اچي ويندي آهي جنهن انقلاب کان اڳ اَن پوڻ ۾ ونڊ ڀوڪيندڙن جا شڪرانا ميڙيندي ڪين هڪ هڪ چانديءَ جو روبل ڏنو هو ۽ نه ڀوڪيندڙن کي ڇهبوڪ جو هڪ هڪ ڦٽڪو هڻايو هو. اها ڳالهه ياد ڪندي کل ايندي اٿم.

مولڪي مسافري تمام گهڻي ٿي ڪرڻي پيئي جنهن لاءِ ڪڏهن ريل ڪڏهن هوائي جهاز ته ڪڏهن ٻيڙي ۾ سفر ڪرڻو پوندو هو. ريل جو گاڏو ٿي منهنجي هوٽل هو. اڪثر ريل مان لهندي ئي هوائي جهاز ترسيو پيو هوندو هو ان ۾ چڙهي هڪ ڏينهن ۾ ٻئي ڪيترن هنڌان ٿي ايندو هوس.

ڪيوُ شهر ۾ مولاءِ هڪ خاص "اي- اين- ٢" جهاز تيار ڪيو ويو جنهن ۾ زبردست ريڊيو ٽرانسميٽر لڳل هو ۽ پئسينجر حصي ۾ فقط ڇهه جايون هيون. پائلٽ ڏاڍا هوشيار هئا. سٽيپيز ۾ ڪٿي ڪي ڪڏا آهن، ٽرئڪٽر پيا آهن، يا ٻني ڪيڙيل آهي، سيڪجهه هوندي به هو ڏاڍي سنڀال سان لهڻ جو هنڌ ڳولي وٺندا هئا. مولڪي پنهنجو پائلٽ ڪئپٽن نڪولائي ماٽسپيف. پيون

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

دل جي بيماريءَ ۾ مونکي آلماآتا ۾ ڪٺي آيا هئا. مان ڊاڪٽرن کي ٿاريندو پئي آهيس. انهن جي مرضي هئي مان اسپتال ۾ رهان. پر مان ڇرچو ڪندو هوس ته هڪ پيرو توهانجي قبضي ۾ اچي ويس ته توهين پڇاڙيءَ تائين مونکي ڪونه ڇڏيندا. ليڪن حقيقت ۾ مون وٽ بيمار پوڻ جي فرصت ئي ڪانه هئي. نيون زمينون، نيون رٿائون تيار ٿي بيٺيون هيون. نوان مسئلا نيون مشڪلاتون منهن ۾ ترسڻ لاءِ تيار نه هيون.

انساج همت ڪرڻ لاءِ جيڪا جنگ جــاري ڪئي هئيسين اها هاڻي پنهنجي آخرين منزل تي اچي پهتي هئي.

(١١)

مان ائين ڪونه چوندس ته ڪنواري ڌرتيءَ جي آبادي لاءِ پارٽي جي زرعي ۽ ٽيڪنيڪل نيتيءَ ۾ ڪو سقم نه هو يا ان بابت ماهرن جا جهڳڙا ڪي نه ٻـــڌا هئاسين. پر مختصر ۾ اسانجو مقصد هو سٽيپيز ۾ ڪيل انساني دخل جي نئي اثرن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪرڻ، بهترين فصل اپائڻ ۽ سوڪ واري ايراضيءَ لاءِ موزون فصل جو سرشتو ٺاهڻ.

انقلاب کان اڳ لينن لکيو هو:

”روسي مزدور طبقو آزادي ڪندو ۽ پنهنجي انقلابي قدم سان يورپ کي اُساهت ڪندو، پوءِ پهلي اهـــو

ٻوڪڻ سان پيرپل ڇولا هڻي. پر انقلابي ڳالهيون ٻوڪ نه ڪري لپ لي لپ رکي وهڻ تي فخر ڪن.“

ڪاٻه ”ٻوڪ نه ڪرڻي آهي“ وارو حساب رکون ها ته قدرت جي هنن ٻنڌارن کي ڇهڻ به ڪين ها. هنن زمينن جا اپت جا ذخيرا قائم رکڻ لاءِ اسان شروع کان ئي نوان نوان طريقا استعمال ڪيا.

اسان بهار ۾ ٻج ڇٽڻ کان گهڻو اڳواٽ زمين کي هر ڏيئي ڇڏڻ واري رسم ترڪ ڪري ڇڏي. مي جون ۽ سرءُ ۾ فقط ساهيءَ ۾ ڇڏيل زمينن تي هر ڪيڙهيو. اسان هوائن جو زور ڀڃڻ وارڻون وڻن جون قطارون پوکيون، برف پوڻ وارن هنڌ اهو پاڻي روڪي رکڻ جا اپاءَ ورتاسين. ڪيتري ئي کهڙي زمين ساهي پٽڻ لاءِ هرسال ڇڏڻي آهي، اهو وچار رکيوسين. آزمودي مان حاصل ڪيل سمجهه سان پوک جي مند هاڻي مئي مهني جو پويون اڌ ڪري ڇڏيوسين. پوک دير سان ڪرڻ جي ڳالهه تي ڏاڍو بحث هليو. آخر ۾ منهنجي سٺين ڏيرو نيڻ ناهڻ واري دوست اڪوليف چيو، ”اسين ڪوشش ڪنداسين ته هارين کي ٻج ڇٽڻ کان ڪير روڪي سگهندو جيڪي زمين ۾ هر ڏنل ڏسندا ته ٻج ڇٽڻ لاءِ بيٺا ئي وڃي ٻهندا.“ مگر ۱۹۵۶ ۾ دير سان پوک ڪرڻ جو طريقو ئي سڀني اپنائي ورتو. مطلب ته اسان آزمودا ڪٽو ڪٽو ڪري ويهي گڏ ڪيا.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٻنهيءَ مان فصل همٿ ڪرڻ ڪجن جو ڪم ناهي. "پوکڻ لاءِ ٻين ۽ ننڍن ڪان وڏو دشمن آهي" مٿان مڙهيل صلاحون." انهن صلاحن اڪثر پوکن کي خراب ڪين ڪان ٻه وڌيڪ نقصان رسايو آهي ڇو ته ڪيٽي ٻاري ڪندڙن لاءِ جيڪي سفارشون مٿان اچن ٿيون انهن تي هلڻ هنن لاءِ ممڪن ڪونهي. خود مان ٻه پنهنجي سر کي ڳالهيون چاهيندي ٻه ڪين نه چوندو هوس. ڇو ته پنهنجي آزمودي مان هاري پاڻ گڏجي جيڪي سکن ٿا سو وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو.

مون اخبارن وارن کي چيو ته بهترين سرڪاري ٻنين جيڪا ترقي ڪئي آهي اها سيني تائين پهچايو. مون سيمينار ڪرايا ۽ مرڪزي ڪاميٽيءَ جون ڪانفرنسون ڪرايون. اسان وگيانڪ ادارا جوڙطرف ڪولي ورتا جتي الي سوويت چاهي دنيا جا ماهر انهن ڪوشش جو آپياسن ڪن جن سان زمين جي قسمتي پوڻ بند ڪري سگهجي.

هن ڏس ۾ برابيون، جنهن هاڻي ليبن العام حاصل ڪيو آهي، انجي ٽوليءَ جو ڪم وساري نٿو سگهجي. مونکي ياد آهي هن ڪيترو زور ڏنئي، لنڊي پٽمالي تي رلج ڏيڻ جي اهميت پئي سمجهائي ۽ زمين کي ساهي پٽڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ جو اصول پئي ذهن نشين ڪرايو، زمين جي بچاءَ ۽ فصل مٿڻ جو ٽورنل لکيل سرشتو اڄهو

انهن لهڻ شروع ٿيو.

٩- جون ١٩٥٥ع لي جڏهن سوڪ پنهنجو پورو تاب ڏيکاريو پيئي هئي، پوکون لهڻ ۾ جلي رهيون هيون، تڏهن ڪرڪستان ۾ پنجن سالن جي زرعي وڪاس لاء منهنجي آفيس ۾ ماهرن جي ڪانفرنس ٿي جنهن جا منٽس ڏيکارڻ ٿا ته ان وقت ڪيترن بحث ٿيو هوا

زمين کي ساهي پٽڻ لاء هر ٽي سالي ضرور ڇڏڻو آهي، اها ڳالهه ته سڀني قبول ڪئي پر انهن ڪندي به اناج جي پوري رسد قائم رهي اهو ڪيئن ٿئي؟ ان لاء اهو رستو ڳوليو ويو ته جيتري جيتري زمين ساهي پٽڻ لاء ڇڏي وڃي اوتري اوتري نئين ڪنواري زمين پوک هيٺ آندي وڃي.

منٽين ڪانفرنس جي بنياد لي جيڪو تيار ڪري جيڪو ان وقت ماسڪو موڪليو ويو هو سو ڏيکاري ٿو ته ان وقت اسان جي ڪيل ڪٿ ڪيتري نه صحيح هئي.

فيبروري ١٩٥٦ع ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ٢٠ ڪانگريس ۾ ڪنواري ڌرتيءَ جي آبادي جي رٿا جي ڪاميابيءَ بابت فخر سان رپورٽ ڏني ته ٣ سالن ۾ ٢٧٠ لک هيڪٽر وڌيڪ زمين لي پوک ڪئي اٿئون مون مون خاطري ڏني ته ڪرڪستان هر سال اناج جو هڪ ارب ڪان به وڌيڪ پوڊ پيدا ڪري سگهندو.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

١٩٥٦ع جو نئين زمين جي پوک لاءِ اهم گهڙي اچي پهتي. ڪزڪستان ۾ شاهي فصل لٿو ۽ ان ملڪ کي اناج جا ٦٠ ڪروڙ پوڊ ڏيڻ بدران ١٠٠ ڪروڙ پوڊ ڏنا. ان ڪري ڪزڪستان کي آرڊر آف لينن جو خطاب مليو.

بدقسمتيءَ سان مان اهو شاهي فصل لهڻ وارو نظارو نه ڏسي سگهيس جو مونکي انوقت ٢٠ ڪانگريس ۾ وڃي سوويٽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پهريون سيڪريٽري چونڊيو ويو.

انهيءَ شام جو ڪزڪ ڪامريڊ ماسڪو هوٽل ۾ مونکي واڌايون ڏيڻ ۽ موڪلائڻ آيا. مگر هيءَ وڇوڙو گهڻو وقت نه هليو جو مان وري به هڪوار ستپيز ڏي موٽيس. چو نه سوويٽ ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ مونکي اتي بارايف جي نظر هيٺ ڪيل ڪوشنا ته زمين کي ڪاڏ ڪان ڪيئن بچائجي سا عمل ۾ آڻڻي هئي.

اڄ به مان ڪزڪستان سان ڏاڍو لڳاءُ ٿو محسوس ڪريان ۽ پيو اتي پيرو گهمرو ڪندو آهيان. مون کي لڳندو آهي اتي منهنجو ۽ بين ڪيترن ورجن لئنڊرس جو هي سپنو ساڪار ٿيل نظر اچي ٿو.

ڪزڪستان ۾ اسانجي هي پراجيڪٽ نه رڳو تمام وڏي هٿي پر فائدي جي نگاهه کان بلڪل ڪماڻتي هٿي.

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

انگ اکر اهڙي ثابتي آهن ٢٥ لک ٽن اناج يعني ١٥٤٥ اَرب ٻوُد * گذريل ٢٤ سالن ۾ ملندا رهيا آهن. يعني ملڪ کي سڌو ٦٤١ اَرب روبل صافي فائدو آهي.

اڄ ڪوئي سٽيپز جي مٿان هوائي جهاز ۾ چڪر هڻي ڏسي. هيٺيون ته خوب لهرائينديون اڳر اينديس پر پڪا گهر، رستا، ريلون، ڪارخانا، بجلي گهر، شهر ڏسي عجب ۾ پئجي ويندو ته ڪيئن اهو ڳاهه مان اَن پيدا ٿيو جنهن مان نئين هتي زندگي ڪڙي ٿي آهي.

سچي ڪرغزستان جي ريپبلڪ اڄ اگر تيل، لوهه، رڪ، پارٽ مشينون ٽريڪٽر ڇا ڇا نٿي اُپائي!

ڪرغزستان اڄ سوويت ريپبلڪن جي گرهه منڊل ۾ هڪ چمڪندڙ ستارو آهي.

سندس وڪاس پاڻي پنجن سالن اندر ٿيو آهي پر اُن لاءِ ٢٥ سال اڳ رٿائون ناهيون ويئون اُن وقت منهنجي آفيس سائنسدانن، رٿا جي ماهرن ۽ انجنيرن سان ڀسري پيئي هوندي هئي. ڪافي ڏيان ڏيڻو پيو وقت ڏيڻو پيو ۽ محنت ڪرڻي پيئي.

مان نٿو سمجهان ته اهو ضرور آهي ته مان ڇئي ٻڌايان ته مان هي سڀ زرعي سان گڏ انڊسٽري جو مانداڻ ڏسي ڪيترو خوش ٿو ٿيان؟ هن مانداڻ جو

---

* هڪ ٻوُد معنيٰ ٠٫٠١٦٣٨ ميٽرڪ ٽن

ملڪ لئي الاهي آرٿڪ اثر آهي.

ڪنواري ڌرتي جي آباديءَ جي اتهاس دنيا اڳيان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سوويت لوڪ ملڪ جا سواريٽي شيواداري آهن جن سوشلسٽ لڳ جي ڪاميابي جو نشان ڪٽو ڪري ڏيکاريو آهي.

---

ڇپائيندڙ: سندري اُتمچنداڻي، ٻاران لئين دنيا پبلشرس
٦/٢ ڀڳوانسنگهه ڪالوني، مٽونگا، بمبئي-١٦
ڇپيندڙ: واشومل جي. واڌواڻي، سندري پرنٽنگ پريس،
دڪان نمبر ٤، ميونسپل اسڪول پرسان،
چيمبور ڪالوني روڊ، چيمبور، بامبي-٤٠٠٠٧٤

www.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

Kunvari Dharti (L. I. Brezhnev's "Virgin Lands" in Sindhi) Tr. Sundri Uttamchandani.





مونکي برزنيف جي ”ملايــا زيمليا“ جو سندري اُتمچنداڻيءَ جو سنڌي ترجمو ڏاڍو وڻيو .... سندس لکڻي سليس ۽ اثردار آهي.

**شري ڪرشن ڪرپالاڻي، ايم-پي**

سندري اُتمچنداڻيءَ جي ناولن، ڪهاڻين، ناٽڪن ۽ مضمونن سنڌي اَدب کي اڳتي مالامال ڪيو آهي. سندس عبارت ۾ هڪ عجيب لطف آهــي ۽ سندس خيالات ۾ به هڪ بي بها دلڪشي. شــولوخوف جي ڪهاڻين، افسانن وغيره جو ترجمو سنڌي ساهتيه کي سندريءَ جي هڪ نئين ۽ سهڻي سوغات آهي. سندس ترجمي ۾ اصلي ڪهاڻين، افسانن وغيره جي خوشبوءِ قائم آهي.

**پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي**